يَعْتَذِرُوْنَ اِلَيْكُمْ اِذَا رَجَعْتُمْ اِلَيْهِمْ ؕ
قُلْ لَّا تَعْتَذِرُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ لَكُمْ قَدْ نَبَّاَنَا
اللّٰهُ مِنْ اَخْبَارِكُمْ ؕ وَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمْ وَ
رَسُوْلُهٗ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَ
الشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٤﴾

(٩٤) جڏهن توهان (تبوڪ جي سفر کان) موٽي انهن (منافقن) وٽ ويندؤ تڏهن هو ان وقت توهان جي اڳيان (قسم قسم جا) بهانا ٺاهيندا. اي پيغمبر! توکي گهرجي تہ ان وقت) چئي ڏي تہ بهانا نہ ٺاهيو، هاڻي هرگز اسان اوهان تي اعتبار ڪرڻ وارا ناهيون، تحقيق الله تعاليٰ اسان کي اوهان جو احوال پوريءَ طرح ٻڌائي ڇڏيو آهي. هاڻي اڳتي الله ۽ سندس رسول ڏسندا (تہ) اوهان جا عمل (ڪهڙا ٿا رهن. منافقيءَ تي قائم ٿا رهو يا باز اچي سچا مؤمن ۽ صالح ٿا ٿيو؟) ۽ پوءِ (آخر) انهيءَ الله جي طرف موٽائي آندا ويندؤ جو ظاهر ۽ لڪل هر طرح جون ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي. پوءِ هو اوهان کي ٻڌائيندو تہ (دنيا ۾) ڪهڙا عمل ڪندا رهيا آهيو.

سَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ اِذَا انْقَلَبْتُمْ اِلَيْهِمْ
لِتُعْرِضُوْا عَنْهُمْ ؕ فَاَعْرِضُوْا عَنْهُمْ ؕ اِنَّهُمْ
رِجْسٌ ۫ وَّمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا
يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٥﴾

(٩٥) جڏهن توهان (سفر تان) موٽي انهن (منافقن) سان ملندؤ تڏهن ضرور هو اوهان جي اڳيان الله جا قسم کڻي چوندا تہ اسان کي ڇڏي ڏيو. سو توهان ڇڏي ڏيون (يعني هنن جو ٽڪاڻو دوزخ آهي. اهو (دوزخ) نتيجو ۽ سزا آهي هنن جي (بد عملن جو،) جي (بدعمل) هو ڪندا رهيا.

يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ لِتَرْضَوْا عَنْهُمْ ۚ فَاِنْ تَرْضَوْا
عَنْهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَرْضٰى عَنِ الْقَوْمِ
الْفٰسِقِيْنَ ﴿٩٦﴾

(٩٦) هو اوهان جي اڳيان قسم کڻندا تہ توهان هنن کان راضي ٿي وڃو. سو (ياد رکو تہ) جيڪڏهن توهان (ڀلجي) ڪائنن راضي بہ ٿي وڃو تہ بہ الله تعاليٰ انهن سان ڪڏهن بہ راضي ٿيڻ وارو ناهي، جيڪي (هدايت جي دائري کان) ٻاهر نڪري ويا آهن.

اَلْاَعْرَابُ اَشَدُّ كُفْرًا وَّنِفَاقًا وَّاَجْدَرُ اَلَّا
يَعْلَمُوْا حُدُوْدَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ ؕ وَ
اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٩٧﴾

(٩٧) اعرابي (صحرا جا عرب) ڪفر ۽ منافقيءَ ۾ سيني کان وڌيڪ سخت آهن ۽ هو هن ڳالهہ لاءِ وڌيڪ حقدار آهن تہ هنن متعلق سمجهيو وڃي تہ دين جي انهن حڪمن جي ڪين خبر ئي ڪانهي جي الله تعاليٰ پنهنجي رسول تي نازل ڪيا آهن (ڇو تہ شهرن ۾ نہ رهڻ ڪري تعليم جو موقعو ڪين ڪونہ ٿو ملي) ۽ الله (سيني جو حال) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي سيني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

وَمِنَ الْاَعْرَابِ مَنْ يَّتَّخِذُ مَا يُنْفِقُ مَغْرَمًا
وَّيَتَرَبَّصُ بِكُمُ الدَّوَآئِرَ ؕ عَلَيْهِمْ دَآئِرَةُ
السَّوْءِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٩٨﴾

(٩٨) ۽ اعرابين ۾ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي (حق جي راهہ ۾) خرچ ڪن ٿا، تنهن کي (پاڻ تي) ڏنڊ ٿا سمجهن ۽ منتظر رهن ٿا (۽ چاهين ٿا) تہ اوهان تي ڪا گردش (۽ مصيبت) اچي (تہ هو بغاوت ڪن ۽ اسلام ڦٽي ڪن) حقيقت هيءَ آهي تہ گردش جي (مصيبتن جا) ڏينهن خود مٿن اچڻا آهن ۽ الله تعاليٰ (سڀ ڪجهہ) ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

وَمِنَ الْاَعْرَابِ مَنْ يُّؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ
الْاٰخِرِ وَيَتَّخِذُ مَا يُنْفِقُ قُرُبٰتٍ عِنْدَ اللّٰهِ وَ

(٩٩) ۽ بيشڪ اعرابين ۾ اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا ۽ جيڪي (حق جي راهہ ۾) خرچ ڪن ٿا تنهن کي الله جي ويجهڙائي (۽ راضپي جو) ۽ رسول جي دعائن جو وسيلو سمجهن

صَلَوٰتِ الرَّسُوْلِ ؕ اَلَاۤ اِنَّهَا قُرْبَةٌ لَّهُمْ ؕ سَیُدْخِلُهُمُ اللّٰهُ فِیْ رَحْمَتِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ ۹۹

تا. سو ٻڌي ڇڏيو تہ في الحقيقت اهو (خرچ ڪرڻ) هنن جي لاءِ خدا کي ويجهو ٿيڻ جو سبب آهي. اللّٰه تعاليٰ کين پنهنجي رحمت جي دائري ۾ داخل ڪندو. بيشڪ هو وڏو بخشيندڙ ُرحمت وارو آهي.

## رکوع 13

**جن اول اسلام قبول ڪيو، اول هجرت ڪئي ۽ اول مدد ڪئي تن کان اللّٰه راضي ٿيو، سچ پچ مسجد اها آهي جيڪا تقويٰ لاءِ هجي، نہ اها جيڪا مسلمانن ۾ ڦيتارو وجهي.**

وَالسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهٰجِرِیْنَ وَالْاَنْصَارِ وَالَّذِیْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ ۙ رَّضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ وَاَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَاۤ اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِیْمُ ۱۰۰

(١٠٠) ۽ مهاجرن ۽ انصارن مان جيڪي ٻين کان اڳ ۾ ٿيا ۽ سيني کان اڳي اسلام قبول ڪيائون ۽ اهي ماڻهو جن سچائيءَ سان سندن پيروي ڪئي (يا صالح عملن ڪرڻ ۾ سندن نقش قدم تي هليا) تن کان اللّٰه تعاليٰ راضي ٿيو ۽ هو بہ اللّٰه تعاليٰ کان راضي ٿيا ۽ اللّٰه تعاليٰ هنن جي لاءِ (دائمي نعمتن وارا) باغ تيار ڪري رکيا آهن جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. هو هميشہ ان ۾ رهندا ۽ اها وڏي فتح ۽ ڪاميابي آهي.

وَمِمَّنْ حَوْلَكُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ مُنٰفِقُوْنَ ۛؕ وَمِنْ اَهْلِ الْمَدِیْنَةِ ۛؔ مَرَدُوْا عَلَی النِّفَاقِ ۫ لَا تَعْلَمُهُمْ ؕ نَحْنُ نَعْلَمُهُمْ ؕ سَنُعَذِّبُهُمْ مَّرَّتَیْنِ ثُمَّ یُرَدُّوْنَ اِلٰی عَذَابٍ عَظِیْمٍ ۱۰۱

(١٠١) ۽ هنن اعرابين مان جي توهان جي چوگرد آهن ڪي منافق آهن ۽ خود مديني جي رهاڪن ۾ بہ ڪي آهن جي منافقيءَ ۾ (رهندي رهندي) پڪا منافق ٿي پيا آهن. (اي پيغمبر!) تون هنن کي نٿو ڄاڻين، پر اسان کين ڄاڻون سڃاڻون ٿا. اسان کين بہ ٻيرا عذاب ڏينداسين (هڪڙو ٻيرو بدعملن يا ڪفر لاءِ ۽ ٻيو ٻيرو منافقي ۽ ٺڳيءَ لاءِ) ۽ پوءِ کين انهيءَ عذاب ڏي موٽائي آندو ويندو جو تمام وڏو عذاب آهي.

وَاٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا وَّاٰخَرَ سَیِّئًا ؕ عَسَی اللّٰهُ اَنْ یَّتُوْبَ عَلَیْهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ ۱۰۲

(١٠٢) ۽ ٻيا ماڻهو (اهي آهن) جن پنهنجا ڏوهہ گناهہ قبول ڪيا. انهن مليل گڏيل ڪم ڪيا. ڪي چڱا تہ ڪي برا. ممڪن آهي تہ اللّٰه تعاليٰ انهن تي (پنهنجي رحمت جي) موٽ ڪري. اللّٰه تعاليٰ وڏوئي بخشيندڙ ۽ وڏو ئي رحمت ڪندڙ آهي.

خُذْ مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمْ وَتُزَكِّیْهِمْ بِهَا وَصَلِّ عَلَیْهِمْ ؕ اِنَّ صَلٰوتَكَ سَكَنٌ لَّهُمْ ؕ وَاللّٰهُ سَمِیْعٌ عَلِیْمٌ ۱۰۳

(١٠٣) (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن جي مال مان صدقا وٺ. (تون اهي وٺي) انهن ماڻهن کي (ڪنجوسائي ۽ طمع جي برائين کان) پاڪ ۽ (دل جي نيڪين جي ترقيءَ ۾) وڌيڪ ڪندين ۽ تربيت يافتہ ڪندين. پڻ هنن جي لاءِ چڱي دعا گهر. بلاشبہ تنهنجي دعا هنن (جي دلين) کي راحت ۽ تسڪين ڏيندي ۽ اللّٰه تعاليٰ (دعائون) ٻڌندڙ ۽ (سڀ ڪجهہ) ڄاڻندڙ آهي.

اَلَمْ یَعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ هُوَ یَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَیَاْخُذُ الصَّدَقٰتِ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِیْمُ ۱۰۴

(١٠٤) ڇا کين معلوم نہ آهي، تہ اللّٰه ئي آهي جو پنهنجي ٻانهن جي توبهہ قبول ٿو ڪري ۽ جيڪي بہ هو صدقي طور ڪڍن ٿا، تنهن کي منظور ٿو ڪري؟ ۽ (هي بہ معلوم نہ اٿن ڇا تہ) اللّٰه ئي آهي جو وڏي ۾ وڏو توبهہ قبول ڪندڙ آهي ۽ وڏي ۾ وڏو رحمت ڪندڙ آهي.

وَقُلِ اعْمَلُوا فَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ؕ وَسَتُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۰۵﴾

(١٠٥) ۽ (اي پيغمبر!) تون چئو ته عمل ڪندا رهو. الله تعاليٰ ڏسندو ته توهان جا عمل ڪهڙا آهن ۽ الله جو رسول به ڏسندو ۽ مسلمان به ڏسندا ۽ پوءِ توهان سندس طرف موٽائي آندا ويندؤ. (قيامت جي ڏينهن انهيءَ الله وٽ حاضر ٿيندؤ) جو ظاهر ڳالهيون توڙي لڪل غيب جون ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي. پوءِ هو توهان کي ٻڌائيندو ته جيڪي عمل توهان ڪندا رهيا آهيو تن جي حقيقت ڇا هئي؟

وَاٰخَرُوْنَ مُرْجَوْنَ لِاَمْرِ اللّٰهِ اِمَّا يُعَذِّبُهُمْ وَاِمَّا يَتُوْبُ عَلَيْهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۱۰۶﴾

(١٠٦) ۽ (بيان ڪيل توبه ڪندڙ جماعت جي علاوه) ڪي ٻيا ماڻهو آهن جن جو معاملو هن انتظار ۾ ته الله جو ڪهڙو حڪم ٿو اچي، ملتوي ڪيو ويو آهي )يعني انهن جو ڪيس رکيو ويو آهي جيستائين بالا عملدار الله تعاليٰ جو حڪم صادر ٿئي) اهو خدا ڪين عذاب ڪري يا (پنهنجي رحمت جي) انهن تي موٽ ڪري (سندس هٿ ۾ آهي) ۽ الله تعاليٰ (سڀ ڪجھ) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي سيني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مَسْجِدًا ضِرَارًا وَّكُفْرًا وَّتَفْرِيْقًا بَيْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَاِرْصَادًا لِّمَنْ حَارَبَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ مِنْ قَبْلُ ؕ وَلَيَحْلِفُنَّ اِنْ اَرَدْنَآ اِلَّا الْحُسْنٰى ؕ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۱۰۷﴾

(١٠٧) ۽ (منافقن مان اهي ماڻهو به آهن) جن هن مطلب سان هڪ مسجد ٺاهي ڪڙي ڪئي ته نقصان پهچائين، ڪفر ڪن ۽ مؤمنن ۾ ڦيٽارو وجهن، ۽ انهن ماڻهن لاءِ هڪ (منصوبي ٺاهڻ جي) جاءِ پيدا ڪن جي اڳي الله ۽ سنس رسول سان وڙهي چڪا آهن. هو ضرور قسم کڻي چوندا ته اسان جو مطلب سواءِ ڀلائي ۽ چڱائي جي ٻيو ڪجھ به نه هو، پر الله تعاليٰ جي شاهدي هيءَ آهي ته هو پنهنجي قسمن ۾ بلڪل ڪوڙا آهن.

لَا تَقُمْ فِيْهِ اَبَدًا ؕ لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ ؕ فِيْهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوْنَ اَنْ يَّتَطَهَّرُوْا ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُطَّهِّرِيْنَ ﴿۱۰۸﴾

(١٠٨) (اي پيغمبر!) تون ڪڏهن به انهيءَ مسجد ۾ نه بيهجانءِ. تنهنجي بيهڻ لاءِ (۽ مؤمنن کي نماز پڙهائڻ لاءِ) ته اها مسجد حقدار آهي، جنهن جو بنياد پهرئين ڏينهن کان تقويٰ تي رکيو ويو آهي. (يعني قبا واري مسجد ۽ مسجد نبوي) ان ۾ اهڙا ماڻهو (ايندڙ) آهن جيڪي پاڪ ۽ صاف رهڻ پسند ٿا ڪن ۽ الله به پاڪ ۽ صاف رهڻ وارن کي ئي پسند ٿو ڪري.

اَفَمَنْ اَسَّسَ بُنْيَانَهٗ عَلٰى تَقْوٰى مِنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانٍ خَيْرٌ اَمْ مَّنْ اَسَّسَ بُنْيَانَهٗ عَلٰى شَفَا جُرُفٍ هَارٍ فَانْهَارَ بِهٖ فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۰۹﴾

(١٠٩) ڇا اهو شخص بهتر آهي جنهن پنهنجي عمارت جي بنياد الله جي خوف ۽ سندس راضپي تي رکيو (جو بنياد ڪڏهن به ڊهڻ وارو ناهي) يا اهو (ماڻهو بهتر آهي) جنهن هڪ ڪاڻ جي ڪرندڙ ڪناري تي پنهنجي عمارت جو بنيد رکيو ۽ اها (عمارت) پنهنجي ٺاهيندڙ سميت دوخ جي باهه ۾ وڃي ڪري. حقيقت هيءَ آهي ته الله تعاليٰ انهن کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) راهه نٿو ڏيکاري جيڪي ظلم جو شيوو اختيار ڪن ٿا.

لَا يَزَالُ بُنْيَانُهُمُ الَّذِيْ بَنَوْا رِيْبَةً فِيْ

(١١٠) اها عمارت جا هنن ٺاهي آهي (يعني مسجد ضرار - نقصان واري مسجد) هميشه هنن جي دلين کي شڪن ۽ شبهن ۾ ٽڙڪندڙ رکندي.

قُلُوبِهِمْ إِلَّآ أَنْ تَقَطَّعَ قُلُوبُهُمْ ۗ وَاللّٰهُ عَلِيمٌ حَكِيمٌ ﴿١١٠﴾

(اهو ڪنبو سندن دلين ۾ چڀندو رهندو) جيستائي هنن جون دليون ڪاٽي ذرا ذرا ڪيون وڃن، (جو تہ سندن منافقيءَ جي اها وڏي شرارت هئي جا ڪامياب نہ ٿي. تنهن ڪري ان جي سبب هو هميشہ خوف ۽ هراس جي حالت ۾ رهندا) ۽ الله تعاليٰ (سيني جو حال) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي سيني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

### رڪوع 14

**الله تعاليٰ مؤمنن کان سندن مال ۽ جانيون خريد ڪري ورتيون آهن، جنت جي بدلي ۾.**

إِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِينَ أَنْفُسَهُمْ وَأَمْوَالَهُمْ بِأَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ ۚ يُقَاتِلُونَ فِي سَبِيلِ اللّٰهِ فَيَقْتُلُونَ وَيُقْتَلُونَ ۖ وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا فِي التَّوْرٰىةِ وَالْإِنْجِيلِ وَالْقُرْاٰنِ ۚ وَمَنْ أَوْفٰى بِعَهْدِهٖ مِنَ اللّٰهِ فَاسْتَبْشِرُوا بِبَيْعِكُمُ الَّذِي بَايَعْتُمْ بِهٖ ۚ وَذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيمُ ﴿١١١﴾

(١١١) بلاشبہ الله تعاليٰ مؤمنن کان سندن جانيون ۽ مال ملڪيتون خريد ڪري ورتيون آهن، هن قيمت تي (خريد ڪيون اٿس) تہ هنن کي بهشت (جي دائمي زندگي) ملي، اهي (مؤمن ڪنهن دنيائي مقصد لاءِ نہ پر) الله جي راهہ ۾ جنگ ڪن ٿا، پوءِ قتل بہ ڪن ٿا ۽ قتل بہ ٿين ٿا. اهو واعدو الله جي ذمي تي چڪو (يعني اهو سندس قانون آهي) تورات، انجيل، قرآن (ٽنهي ڪتابن) ۾ (هڪ ئي نموني انهيءَ ڳالهہ جو اعلان ڪيل آهي) ۽ الله کان وڌيڪ ڪير آهي جو پنهنجي واعدو ٺيڪ طرح پورو ڪرڻ وارو هجي؟ پوءِ (اي مسلمانو!) پنهنجي هن سودي تي جو توهان الله سان ڪيو آهي خوشيون ڪيو ۽ اها ئي وڏي ۾ وڏي فتح ۽ ڪامراني آهي.

التَّآئِبُونَ الْعٰبِدُونَ الْحٰمِدُونَ السَّآئِحُونَ الرّٰكِعُونَ السّٰجِدُونَ الْاٰمِرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَالنَّاهُونَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَالْحٰفِظُونَ لِحُدُودِ اللّٰهِ ۗ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِينَ ﴿١١٢﴾

(١١٢) (انهن مؤمنن جي وصفن ۽ عملن جو حال هي آهي جو هو پنهنجي پل چڪ ۽ خطائن کان) توبهہ ڪندڙ (يعني اصلاح ڪندڙ)، عبادت (يعني سيني حڪمن جي فرمانبرداري) ڪندڙ، الله تعاليٰ جي حمد و ثنا ڪندڙ (يعني الله تعاليٰ جون صفتون بيان ڪندڙ ۽ انهن تي عمل ڪندڙ)، سير ۽ سفر ڪندڙ، (۽ عبرت وٺندڙ) ۽ رڪوع ڪندڙ ۽ سجدي ۾ جهڪندڙ، نيڪيون ڪرڻ جو حڪم ڏيندڙ، برائين کان روڪيندڙ ۽ الله تعاليٰ جي ٺهرايل حدن جي حفاظت ڪندڙ آهن. (اي پيغمبر! اهي ئي سچا مؤمن آهن) ۽ مؤمنن کي (ڪاميابي ۽ سعادت جي) خوشخبري ٻڌائي ڇڏ.

مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَالَّذِينَ اٰمَنُوا أَنْ يَسْتَغْفِرُوا لِلْمُشْرِكِينَ وَلَوْ كَانُوا أُولِي قُرْبٰى مِنْ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمْ أَنَّهُمْ أَصْحٰبُ الْجَحِيمِ ﴿١١٣﴾

(١١٣) پيغمبر کي ۽ انهن ماڻهن کي جيڪي ايمان رکن ٿا، هيئن ڪرڻ مناسب ناهي جو، جڏهن چٽائي تي وڃي تہ هي ماڻهو دوزخي آهن، تڏهن بہ مشرڪن جي مغفرت لاءِ طلبگار ٿين، اگرچ اهي مشرڪ سندن ويجها مائٽ هجن.

وَمَا كَانَ اسْتِغْفَارُ إِبْرٰهِيمَ لِأَبِيهِ إِلَّا عَنْ مَوْعِدَةٍ وَعَدَهَآ إِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗٓ

(١١٤) ۽ حضرت ابراهيم جو پنهنجي پيءُ جي بخشائش (جي خواهش) ڪئي هئي سو فقط هن سبب تہ پنهنجو اهو واعدو پورو ڪري جو ساڻس ڪيو هئائين (يعني حضرت ابراهيم پنهنجي پيءُ کي چيو هو تہ،

اَنَّهٗ عَدُوٌّ لِّلّٰهِ تَبَرَّاَ مِنْهُ ؕ اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَاَوَّاهٌ حَلِيْمٌ (١١٤)

منهنجي وس ۾ ٻيو ته ڪجهه به نه آهي. فقط دعا گهري ٿو سگهان جا دعا گهرندو رهندس) پر جڏهن هن لاءِ چٽائي ٿي ويئي ته هو الله (جي سچائي) جو دشمن آهي، تڏهن هن کان بيزار ٿي ويو. بلاشبہ حضرت ابراهيم ڏاڍو نرم دل ۽ بردبار (برداشت ڪندڙ انسان) هو.

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِلَّ قَوْمًا بَعْدَ اِذْ هَدٰىهُمْ حَتّٰى يُبَيِّنَ لَهُمْ مَّا يَتَّقُوْنَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ (١١٥)

(١١٥) ۽ الله جو هي شان ناهي جو ڪنهن جماعت کي هدايت ڏئي پوءِ وري گمراهه ٺهرائي، جيستائين هنن لاءِ اهي سڀ ڳالهيون چٽيون ڪري ڇڏي، جن کان هنن کي بچڻ گهرجي. بيشڪ الله تعاليٰ جي علم کان ڪابه ڳالهه ٻاهر ناهي.

اِنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ؕ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ (١١٦)

(١١٦) بيشڪ آسمان ۽ زمين جي باداشاهت الله ئي جي لاءِ آهي. اهوئي جياري ٿو ۽ اهو ئي ماري ٿو. سڀ ڪجهه سندس قبضي ۾ آهي) ۽ (مسلمانؤ!) ڪائنس سواءِ نه ڪوئي اوهان جو رفيق ۽ ڪارساز آهي، نه ڪو مددگار آهي.

لَقَدْ تَّابَ اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ وَالْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ فِيْ سَاعَةِ الْعُسْرَةِ مِنْۢ بَعْدِ مَا كَادَ يَزِيْغُ قُلُوْبُ فَرِيْقٍ مِّنْهُمْ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّهٗ بِهِمْ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ (١١٧)

(١١٧) الله تعاليٰ پنهنجي رحمت سان پيغمبر ڏي موٽ ڪئي، پڻ مهاجرن ۽ انصارن ڏي رحمت جي موٽ ڪيائين جي وڏي تنگي ۽ تڪليف جي گهڙي ۾ (تبوڪ واري سفر وقت) سندس پٺين لڳا، (۽ جهاد لاءِ نڪتا) ۽ اهڙي وقت پٺيان لڳا جڏهن حالت اهڙي ٿي چڪي هئي جو هڪ ٽوليءَ جون دليون ذري گهٽ هٽڻ ڏانهن مائل ٿيون هيون، پر هي پنهنجي رحمت سان انهن سيني ڏانهن موٽيو. بيشڪ هو شفقت رکندڙ (مهربان) ۽ رحمت وارو آهي.

وَّعَلَى الثَّلٰثَةِ الَّذِيْنَ خُلِّفُوْا ؕ حَتّٰٓى اِذَا ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ وَضَاقَتْ عَلَيْهِمْ اَنْفُسُهُمْ وَظَنُّوْٓا اَنْ لَّا مَلْجَاَ مِنَ اللّٰهِ اِلَّآ اِلَيْهِ ؕ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ لِيَتُوْبُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ (١١٨)

(١١٨) ۽ (اهڙيءَ طرح) انهن ٽن شخصن تي به (سندس رحمت جي موٽ ٿي) جي (انتظار جي حالت ۾) ڇڏيا ويا هئا (۽ انهيءَ وقت رحمت جي موٽ ٿي) جڏهن زمين پنهنجي ڪشادگيءَ هوندي هنن لاءِ تنگ ٿي وئي هئي ۽ پاڻ به پنهنجي جان کان تنگ اچي ويا هئا ۽ هنن پاڻ به ڄاتو ٿي ته الله کان ڀڄي ڪين ڪابه پناه ملي نه ٿي سگهي سواءِ سندس ئي دامن ۾. پوءِ الله تعاليٰ انهن تي پنهنجي رحمت جي موٽ ڪئي، انهيءَ لاءِ ته هو به (خدا جي فضل ڏانهن) موٽن. بلاشبہ الله ئي آهي جو وڏو توبهه قبول ڪندڙ ۽ وڏو رحمت وارو آهي.

## رکوع 15

## اوهان مان هڪڙي ٽولي ديني علم حاصل ڪري ماڻهن کي گناهن کان بچڻ لاءِ خبردار ڪري

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ (١١٩)

(١١٩) مومنؤ! خدا جو خوف رکو ۽ سچن جا ساٿي ٿيو (ڇو ته اها سچائي هئي جا انهن ٽن اصحابن جي بخشش جو وسيلو ٿي.)

مَا كَانَ لِاَهْلِ الْمَدِيْنَةِ وَمَنْ حَوْلَهُمْ مِّنَ
الْاَعْرَابِ اَنْ يَّتَخَلَّفُوْا عَنْ رَّسُوْلِ اللّٰهِ وَلَا
يَرْغَبُوْا بِاَنْفُسِهِمْ عَنْ نَّفْسِهٖ ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ
لَا يُصِيْبُهُمْ ظَمَاٌ وَّلَا نَصَبٌ وَّلَا مَخْمَصَةٌ
فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَطَــُٔـوْنَ مَوْطِئًا يَّغِيْظُ
الْكُفَّارَ وَلَا يَنَالُوْنَ مِنْ عَدُوٍّ نَّيْلًا اِلَّا
كُتِبَ لَهُمْ بِهٖ عَمَلٌ صَالِحٌ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا
يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ۝١٢٠

(١٢٠) مديني جي ماڻهن کي ۽ انهن اعرابين کي جي ان جي آسپاس رهندا هئا، لائق نہ هو تہ الله جي رسول سان (دشمنن جي حکمن کي روڪڻ ۾) شامل نہ ٿين ۽ پنتي رهجي پون، نہ کي هيءَ ڳالھ مناسب هئي تہ سندس جان جي پرواھ نہ ڪري رڳو پنهنجي جانين جي فڪر ۾ پئجي وڃن. هن ڪري جو الله جي راھ ۾ جيڪا مصيبت هنن کي درپيش اچي ها سا هنن جي لاءِ هڪ نيڪ عمل شمار ڪئي وڃي ها. جيڪا اڄ هنن کي سهڻي پوي ها، جيڪا محنت، تڪليف، ٿڪ ۽ بک ڪين ستائي ها، جيڪو بہ قدم هو اوڏانهن کڻن ها جاڏي هلڻ ڪافرن جي غصي ۽ غضب جو ڪارڻ ٿئي ها ۽ جيڪا جيڪا شيءِ هو (غنيمت طور) دشمنن کان هٿ ڪن ها (اهي سڀ ڳالهيون هنن جي لاءِ نيڪ عمل ثابت ٿين ها، ڇو تہ) الله تعاليٰ نيڪ عملن جو اجر ڪڏهن بہ ضايع نٿو ڪري.

وَلَا يُنْفِقُوْنَ نَفَقَةً صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً وَّلَا
يَقْطَعُوْنَ وَادِيًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ لِيَجْزِيَهُمُ
اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝١٢١

(١٢١) ۽ (ساڳيءَ طرح هو الله جي راھ ۾) جيڪا بہ رقم خرچ ڪن ها، ننڍي رقم يا وڏي، جيڪو بہ ميدان لتاڙي اڳتي وڌن ها، تنهن جي (جيڪي) سندن نالي تي (خدا جي) ڪتاب ۾ لکي وڃي ها. انهيءَ لاءِ تہ الله تعاليٰ ڪين سندن ڪمن جو چڱي ۾ چڱو اجر عطا فرمائي.

وَمَا كَانَ الْمُؤْمِنُوْنَ لِيَنْفِرُوْا كَاۗفَّةً ۭ فَلَوْلَا
نَفَرَ مِنْ كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَاۗىِٕفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوْا
فِي الدِّيْنِ وَلِيُنْذِرُوْا قَوْمَهُمْ اِذَا رَجَعُوْٓا
اِلَيْهِمْ لَعَلَّهُمْ يَحْذَرُوْنَ ۝١٢٢

(١٢٢) ۽ ائين ممڪن نہ هو تہ سڀئي مسلمان (پنهنجي گهر مان) نڪري ڪڙا ٿين (۽ ديني تعليم جي مرڪز ۾ اچي تعليم وٺن) پوءِ ڇو نہ ائين ڪيو ويو تہ هر گروھ مان هڪڙي ٽولي اچي ها جيڪا دين جو علم حاصل ڪري ها ۽ دين کي سمجهي ها ۽ جڏهن (تعليم ۽ تربيت بعد) پنهنجي گروھ ڏي موٽي وڃي ها تہ ڏهن ماڻهن کي (جهل ۽ غفلت جي نتيجن کان) خبردار ڪري ها، انهيءَ لاءِ تہ (برائين ۽ گناهن کان) بچن.

رڪوع 16

**قرآن جون آيتون مؤمنن جي ايمان کي زياده ڪن ٿيون، رسولﷺ توهان جي مٿان مصيبتن تي ڏکارو ٿئي ٿو.**

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَاتِلُوا الَّذِيْنَ يَلُوْنَكُمْ
مِّنَ الْكُفَّارِ وَلْيَجِدُوْا فِيْكُمْ غِلْظَةً ۭ وَ
اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ۝١٢٣

(١٢٣) مومنؤ! انهن ڪافرن سان جنگ ڪيو جي اوهان جي آسپاس (پکڙيل) آهن ۽ (اهڙي نظام ۽ جوش سان لڙو جو) هو (جنگ ۾) اوهان جي سختي ۽ طاقت ۽ بهادري) محسوس ڪن، (ڇو تہ سختيءَ کان سواءِ جنگ جنگ ناهي) ۽ ياد رکو تہ الله تعاليٰ انهن جو ساٿي آهي، جيڪي (هر حال ۾) متقي آهن. (يعني خدا جي حڪمن جي بجا آوري ڪندڙ آهن).

وَاِذَا مَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ فَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ
اَيُّكُمْ زَادَتْهُ هٰذِهٖٓ اِيْمَانًا ۚ فَاَمَّا الَّذِيْنَ

(١٢٤) ۽ جڏهن (الله تعاليٰ وٽان) قرآن مجيد جي ڪا سورت نازل پئي ٿي تہ انهن (منافقن) مان ڪي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي (انڪار ۽ شرارت

اٰمَنُوْا فَزَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّهُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿١٢٤﴾

طور) چون ٿا تہ توهان مان ڪنهن جو ايمان انهيءَ (سورت) وڌايو آهي؟ حقيقت تہ هيءَ آهي تہ جيڪي ايمان رکن ٿا، تن جو ايمان بيشڪ زياده ڪيو اٿس ۽ اهي ان تي خوش ٿي رهيا آهن.

وَاَمَّا الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ فَزَادَتْهُمْ رِجْسًا اِلٰى رِجْسِهِمْ وَمَاتُوْا وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿١٢٥﴾

(١٢٥) پر جن ماڻهن جي دلين ۾ (منافقت جو) مرض آهي تن جي ناپاڪيءَ ۾ هڪ ٻي ناپاڪي بہ (انهيءَ سورت) وڌائي ڇڏي. اهي مري ويا ۽ هن حالت ۾ مري ويا جو (پڇاڙيءَ تائين) ڪفر ۾ رهيا.

اَوَلَا يَرَوْنَ اَنَّهُمْ يُفْتَنُوْنَ فِيْ كُلِّ عَامٍ مَّرَّةً اَوْ مَرَّتَيْنِ ثُمَّ لَا يَتُوْبُوْنَ وَلَا هُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿١٢٦﴾

(١٢٦) (افسوس انهن جي حال تي) ڇا هو ڏسن نٿا تہ اهڙو سال ئي ڪونهي جنهن ۾ هڪ يا ٻہ ڀيرا آزمائش (۽ مصيبت) ۾ وڌا نٿا وڃن، تڏهن بہ اهي (اهڙا تہ ڪنور آهن جو) نڪي توبهہ ٿا ڪن، نڪي نصيحت ٿا وٺن.

وَاِذَا مَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ نَّظَرَ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ ؕ هَلْ يَرٰىكُمْ مِّنْ اَحَدٍ ثُمَّ انْصَرَفُوْا ؕ صَرَفَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿١٢٧﴾

(١٢٧) ۽ جڏهن ڪا بہ سورت نازل ٿئي ٿي (جنهن ۾ منافقن جو ذڪر ڪيو ويو هجي ٿو) تڏهن هو پاڻ ۾ هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳن ٿا، (گويا چون ٿا تہ) توهان تي ڪنهن جي نگاهہ تہ ڪانهي، (يعني اوهان پنهنجو ذڪر ٻڌي جو وائڙو منهن ڪري رهيا آهيو، تنهن تي ڪنهن جي نظر تہ نہ پئجي ويئي) پوءِ منهن ڦيرائي هليا وڃن ٿا. حقيقت هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ هنن جون دليون ئي (سچائيءَ کان) ڦيرائي ڇڏيون آهن، ڇو تہ هو اهڙا ماڻهو آهن جو عقل ۽ سمجهہ کان بلڪل ڪورا آهن.

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢٨﴾

(١٢٨) (مسلمانو!) توهان وٽ (الله جو) هڪ رسول اچي ويو آهي، جو توهان ئي منجهان آهي. توهان جي ڏک ۽ تڪليف ۾ پوڻ هن کي ڏاڍو ڏکارو ٿو ڪري، هو توهان جي ڀلائيءَ جو ڏاڍو خواهشمند آهي، هو مؤمنن جي لاءِ شفقت رکندڙ (مهربان) ۽ رحم وارو آهي.

فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ ۖ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿١٢٩﴾

(١٢٩) (اي پيغمبر!) جيڪڏهن انهيءَ هوندي بہ هي ماڻهو منهن موڙين (۽ غفلت ڪن) تہ کين ٻڌائي ڇڏ تہ الله جو سهارو ڪافي آهي. ڪوبہ معبود ڪونهي پر فقط سندس ذات. مان انهيءَ تي ئي ڀروسو رکو. هو (سڄي ڪائنات جي شهنشاهيءَ جي) عرش عظيم جو خداوند آهي.

## سوره يونس ـ مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

### رڪوع 1

**جيڪي ماڻهو فقط هن دنيا جي موجن جا خواهشمند آهن ۽ حق کان غافل ٿا رهن سي دوزخ جي باهہ ۾ پوندا.**

الٓرٰ ۚ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْحَكِيْمِ ﴿١﴾

(١) الف- لام- را- هي آيتون آهن حڪمت سان ڀريل ڪتاب جون. (يعني اهڙي ڪتاب جون جنهن جون سڀ ڳالهيون حڪمت ۽ دانائيءَ جون ڳالهيون آهن.)

اَكَانَ لِلنَّاسِ عَجَبًا اَنْ اَوْحَيْنَاۤ اِلٰى رَجُلٍ
مِّنْهُمْ اَنْ اَنْذِرِ النَّاسَ وَ بَشِّرِ الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْۤا اَنَّ لَهُمْ قَدَمَ صِدْقٍ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ
قَالَ الْكٰفِرُوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۲﴾

(٢) ڇا ماڻهن کي هن ڳالهه تي عجب ٿو لڳي ته منجهانئن ئي هڪڙي ماڻهوءَ ڏي اسان وحي موڪليو آهي؟ (اهو هن ڳالهه جو وحي آهي) ته ماڻهن کي (انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان) خبردار ڪري ۽ ايمان وارن کي خوشخبري ڏئي ته هنن لاءِ پروردگار وٽ چڱي ۽ وڏي پوزيشن (درجو) آهي. (پر) ڪافرن چيو ته، بلاشبہ هي شخص جادوگر آهي، ظاهرظهور (جادوگر!)

اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ
فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ
يُدَبِّرُ الْاَمْرَ ؕ مَا مِنْ شَفِيْعٍ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ
اِذْنِهٖ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ اَفَلَا
تَذَكَّرُوْنَ ﴿۳﴾

(٣) (اي انسانؤ!) اوهان جو پروردگار ته اهوئي الله آهي جنهن آسمانن کي ۽ زمين کي ڇهن ايامن ۾ پيدا ڪيو. (يعني ڇهن مقرر زمانن ۾ پيدا ڪيو) پوءِ پنهنجي حڪومت جي تخت تي با قدرت قائم رهيو. اهوئي سيني ڪمن جو بندوبست ڪري رهيو آهي، (يعني دنيا پيدا ڪري پاڻ ڪيائين ۽ ان تي حڪومت به فقط سندس ئي رهي) هن وٽ ڪو به سفارش ڪندڙ ٿي نه ٿو سگهي، سواءِ ان جي جنهن کي پاڻ اجازت ڏئي، (۽ اجازت کان پوءِ هو سفارش ڪرڻ جي جرئت ڪري) اهوئي آهي الله اوهان جو پروردگار. تنهن ڪري انهيءَ جي بندگي ڪيو، ڇا توهان غور ۽ فڪر کان ڪم نٿا وٺو؟

اِلَيْهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا ؕ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ؕ اِنَّهٗ
يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ بِالْقِسْطِ ؕ وَالَّذِيْنَ
كَفَرُوْا لَهُمْ شَرَابٌ مِّنْ حَمِيْمٍ وَّعَذَابٌ
اَلِيْمٌۢ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿۴﴾

(٤) اوهان سيني کي آخر ڏانهس ئي موٽڻو آهي. اهو الله جو سچو واعدو آهي. اهوئي آهي جو خلقڻ جي شروعات ڪري ٿو ۽ وري ان کي ٻيهر دهرائيندو (يعني مرڻ کان پوءِ ٻيهر زنده ڪندو) انهيءَ لاءِ ته جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا تن کي عدل ۽ انصاف سان بدلو ڏئي. (باقي رهيا اهي ماڻهو) جن ڪفر جي راه اختيار ڪئي سو انهن کي ڪفر جي عيوض ۾ ٽهڪندڙ پاڻي پيئڻ لاءِ ملندو ۽ دردناڪ عذاب ملندو.

هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ الشَّمْسَ ضِيَآءً وَّالْقَمَرَ نُوْرًا
وَّقَدَّرَهٗ مَنَازِلَ لِتَعْلَمُوْا عَدَدَ السِّنِيْنَ وَ
الْحِسَابَ ؕ مَا خَلَقَ اللّٰهُ ذٰلِكَ اِلَّا بِالْحَقِّ ۚ
يُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۵﴾

(٥) اهوئي آهي جنهن سج کي چمڪندڙ بنايو ۽ چنڊ کي روشن ڪيو، ۽ وري چنڊ جي منزلن جو اندازو ٺهرايو، انهيءَ لاءِ ته توهان سالن جو ڳاڻيٽو ۽ حساب معلوم ڪيو. الله تعاليٰ هي سڀ ڪجهه بنا حڪمت ۽ مصلحت جي ڪونه ٺاهيو آهي. جيڪي ماڻهو علم وارا آهن تن جي لاءِ هو (پنهنجي قدرت ۽ حڪمت جا) دليل کولي کولي بيان ڪري ٿو.

اِنَّ فِي اخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ
فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ
يَّتَّقُوْنَ ﴿۶﴾

(٦) بيشڪ رات ڏينهن جي هڪٻئي پٺيان اچڻ ۾ ۽ انهن سيني شين ۾ جي الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين ۾ پيدا ڪيون آهن، انهن ماڻهن لاءِ (سندس قدرت ۽ حڪمت جون) نشانيون آهن جيڪي متقي (يعني خدا جو خوف رکي گناهن کان پاڻ کي بچائڻ وارا) آهن.

اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا وَرَضُوْا
بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَاطْمَاَنُّوْا بِهَا وَالَّذِيْنَ هُمْ
عَنْ اٰيٰتِنَا غٰفِلُوْنَ ﴿۷﴾

(٧) جيڪي ماڻهو (مرڻ بعد) اسان سان ملڻ (۽ اسان جي اڳيان پيش ٿيڻ) جي اميد نٿا رکن (يعني قيامت کان ئي انڪار ٿا ڪن) فقط هن دنيا جي زندگيءَ ۾ مگن ۽ خوش آهن ۽ انهيءَ حالت تي ريجهي ويا آهن ۽ جيڪي ماڻهو اسان جي آيتن (يعني نشانين ۽ حڪمن) کان غافل آهن.

أُولَٰٓئِكَ مَأْوٰىهُمُ النَّارُ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ⑧

(٨) تن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي. انهيءَ ڪمائي جي سببان جيڪا (پاڻ پنهنجي ئي عملن جي ذريعي) ڪمائيندا رهن ٿا.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ يَهْدِيْهِمْ رَبُّهُمْ بِاِيْمَانِهِمْ ۚ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ⑨

(٩) جن ماڻهن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا تن جي ايمان جي سببان (ڪاميابي ۽ سعادت جي راهه) سندن پروردگار انهن لاءِ کولي ڇڏيندو. جڏهن هو الاهي نعمتن جي باغن ۾ هوندا تڏهن سندن هيٺان نهرون وهي رهيون هونديون.

دَعْوٰىهُمْ فِيْهَا سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَتَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلٰمٌ ۚ وَاٰخِرُ دَعْوٰىهُمْ اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ⑩

(١٠) اتي (انهن باغن ۾، يعني بهشت ۾) سندن صدا (يا پڪار) هيءَ هوندي ته، اي خدا! سڀ پاڪايون تنهنجي لاءِ ئي آهن. هنن جي دعا هيءَ هوندي ته، سلامتي هجي ۽ دعائن جو خاتمو هيءُ هوندو ته الحمدلله رب العالمين.

## رڪوع 2

**الله تعاليٰ گناهن جي سزا هڪدم نٿو ڏئي، فاسقن کي ڍگهو رسو ڏئي ٿو.**

وَلَوْ يُعَجِّلُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ الشَّرَّ اسْتِعْجَالَهُمْ بِالْخَيْرِ لَقُضِيَ اِلَيْهِمْ اَجَلُهُمْ ۗ فَنَذَرُ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ⑪

(١١) ۽ (ڏسو ته) انسان جهڙيءَ طرح فائدي لاءِ تڪڙ لائي ٿو ڏئي، تهڙيءَ طرح جيڪڏهن الله به (سندس بدعملن جي ڪري) ڪيس نقصان پهچائڻ ۾ جلدي ڪري ته سندس وقت (سزا يا موت جو) ڪڏهن پورو ٿي وڃي ها. (پر جزا ڏيڻ ۾ خدائي قانون مهلت ڏيڻ جو آهي) پوءِ جيڪي ماڻهو (مرڻ بعد) اسان وٽ پيش ٿيڻ جي اميد نٿا رکن (يعني ڪين قيامت کان ئي انڪار آهي) تن کي اسان سندن سرڪشين ۽ بدڪمن ۾ سرگردان ڇڏي ڏيون ٿا.

وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ الضُّرُّ دَعَانَا لِجَنْۢبِهٖٓ اَوْ قَاعِدًا اَوْ قَآئِمًا ۚ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهٗ مَرَّ كَاَنْ لَّمْ يَدْعُنَآ اِلٰى ضُرٍّ مَّسَّهٗ ۗ كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلْمُسْرِفِيْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ⑫

(١٢) ۽ جڏهن ڪنهن انسان کي ڪا تڪليف پهچي ٿي ته ڪهڙي به حال ۾ هجي، پاسي ڀر ليٽيل هجي يا بيٺو هجي، اسان کي پڪارڻ لڳي ٿو، پر جڏهن اسان سندس تڪليف لاهي ٿا ڇڏيون تڏهن هو اهڙيءَ طرح (منهن موڙي) هليو وڃي ٿو جو جڻ ته مصيبت جي وقت هن اسان کي پڪاريو ئي ڪونه هو. پوءِ ڏسو ته جيڪي ماڻهو حدون لنگهي وڃن ٿا تن جي نظر ۾ سندن ڪم سهڻا ڪري ڏيکاريا ويا آهن.

وَلَقَدْ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا ۙ وَجَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا ۗ كَذٰلِكَ نَجْزِي الْقَوْمَ الْمُجْرِمِيْنَ ⑬

(١٣) ۽ توهان کان اڳي گهڻيون ئي امتون ٿي گذريون آهن جن جڏهن ظلم جي واٽ ورتي تڏهن اسان ڪين برباد ڪري ڇڏيو. انهن جا رسول انهن ڏي روشن دليلن سان آيا هئا، پر تنهن هوندي به هو ايمان آڻڻ تي آماده نه ٿيا. (سو ڏسو ته) گنهگارن کي اهڙيءَ طرح (تباهه ڪرڻ سان) سندن گناهن جو بدلو ڏيندا آهيون.

ثُمَّ جَعَلْنٰكُمْ خَلٰٓئِفَ فِي الْاَرْضِ مِنْۢ بَعْدِهِمْ لِنَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ⑭

(١٤) پوءِ انهن (امتن) بعد اسان توهان کي سندن جانشين بنايو انهيءَ لاءِ ته ڏسون ته توهان جا عمل ڪهڙا ٿا ٿين.

وَ اِذَا تُتۡلٰی عَلَیۡهِمۡ اٰیَاتُنَا بَیِّنٰتٍ ۙ قَالَ الَّذِیۡنَ
لَا یَرۡجُوۡنَ لِقَآءَنَا ائۡتِ بِقُرۡاٰنٍ غَیۡرِ هٰذَاۤ اَوۡ
بَدِّلۡهُ ؕ قُلۡ مَا یَکُوۡنُ لِیۡۤ اَنۡ اُبَدِّلَهٗ مِنۡ
تِلۡقَآیِٔ نَفۡسِیۡ ۚ اِنۡ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا یُوۡحٰۤی اِلَیَّ ۚ
اِنِّیۡۤ اَخَافُ اِنۡ عَصَیۡتُ رَبِّیۡ عَذَابَ یَوۡمٍ
عَظِیۡمٍ ﴿۱۵﴾

(١٥) ۽ (اي پيغمبر!) جڏهن تون اسان جون چٽيون آيتون کين پڙهي ٻڌائين ٿو تڏهن جيڪي ماڻهو (مرڻ بعد) اسان وٽ حاضر ٿيڻ جي اميد نہ ٿا رکن (يعني سمجهن ٿا تہ نڪا قيامت ٿيڻي آهي، نڪي خدا وٽ پيش ڪيا ويندا سين) سي چون ٿا تہ هن قرآن جي بدران ڪو ٻيو قرآن آڻي ٻڌاءِ يا انهيءَ قرآن (جي مطلبن) ۾ ڦيرڦار ڪر. تون کين چئو تہ، مون کي طاقت ناهي جو مان پنهنجي خيال ۽ مرضيءَ تي ان ۾ ڦيرڦار ڪريان. مان تہ بس انهيءَ حڪم جو تابعدار آهيان جو مون ڏي وحي جي رستي موڪليو وڃي ٿو. جيڪڏهن پروردگار جي حڪم کان منهن موڙيندس تہ (مون تي عذاب اچي ويندو) مان تہ عذاب جي وڏي ڏينهن کان ڊڄان ٿو.

قُلۡ لَّوۡ شَآءَ اللّٰهُ مَا تَلَوۡتُهٗ عَلَیۡکُمۡ وَ لَاۤ
اَدۡرٰىکُمۡ بِهٖ ۫ۖ فَقَدۡ لَبِثۡتُ فِیۡکُمۡ عُمُرًا مِّنۡ
قَبۡلِهٖ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۶﴾

(١٦) ۽ کين (اهو بہ) چئو تہ، جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها تہ مان توهان کي قرآن ٻڌايان ئي ڪونہ ها، نڪي ان جي ذريعي اوهان کي خبردار ڪريان ها. (پر سندس مرضي اها آهي تہ سندس ڪلام اوهان لاءِ نازل ٿئي ۽ اوهان کي سڄي جهان جي هدايت جو ذريعو بنائي) پوءِ ڏسو تہ هيءَ حقيقت آهي تہ هن معاملي کان اڳي (يعني نبوت ملڻ کان اڳي 40 سال) اوهان ماڻهن جي وچ ۾ هڪ پوري عمر گذاري چڪو آهيان، ڇا توهان سمجهہ ۽ عقل نٿا هلايو؟

فَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰی عَلَی اللّٰهِ کَذِبًا اَوۡ
کَذَّبَ بِاٰیٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا یُفۡلِحُ الۡمُجۡرِمُوۡنَ ﴿۱۷﴾

(١٧) پوءِ ٻڌايو تہ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جو پنهنجي اندر مان ڪوڙي ڳالهہ ٺاهي الله تي مڙهي (تہ هي الله جو وحي آهي) ۽ انهيءَ کان جيڪو الله تعاليٰ جي سچين آيتن کي ڪوڙو سمجهي رد ڪري (وڌيڪ ظالم ۽ شرير ڪير آهي؟) يقيناً گناه ڪندڙ ڪڏهن بہ ڪاميابي حاصل ڪري نٿا سگهن.

وَ یَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا یَضُرُّهُمۡ وَ
لَا یَنۡفَعُهُمۡ وَ یَقُوۡلُوۡنَ هٰۤؤُلَآءِ شُفَعَآؤُنَا
عِنۡدَ اللّٰهِ ؕ قُلۡ اَتُنَبِّـُٔوۡنَ اللّٰهَ بِمَا لَا یَعۡلَمُ فِی
السَّمٰوٰتِ وَ لَا فِی الۡاَرۡضِ ؕ سُبۡحٰنَهٗ وَ تَعٰلٰی عَمَّا
یُشۡرِکُوۡنَ ﴿۱۸﴾

(١٨) ۽ (هي مشرڪ) الله کي ڇڏي اهڙين هستين جي پوڄا ڪن ٿا جي نڪي کين نقصان پهچائي سگهن ٿيون، نڪي فائدو. ۽ هو چون ٿا تہ، (اسان هن ڪري انهن جي پوڄا ڪيون ٿا جو) اهي الله وٽ اسان جا سفارشي آهن. (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ، ڇا توهان الله کي اهڙي ڳالهہ جي خبر ڏيڻ چاهيو ٿا جا خود ڪيس بہ معلوم ناهي؟ نڪي آسمانن ۾ نڪي زمين ۾؟ پاڪ ۽ بلند آهي سندس ذات انهيءَ شرڪ کان جيڪو هي ماڻهو ڪري رهيا آهن.

وَ مَا کَانَ النَّاسُ اِلَّاۤ اُمَّةً وَّاحِدَةً
فَاخۡتَلَفُوۡا ؕ وَ لَوۡ لَا کَلِمَةٌ سَبَقَتۡ مِنۡ رَّبِّکَ
لَقُضِیَ بَیۡنَهُمۡ فِیۡمَا فِیۡهِ یَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿۱۹﴾

(١٩) ۽ (شروعات ۾) انسانن جي هڪ ئي امت هئي پوءِ هو الڳ الڳ ٿي ويا ۽ جيڪڏهن توهان جي پروردگار جي طرفان اڳ ئي هڪڙي ڳالهہ نہ ٺهرائي ويئي هجي ها (يعني تہ ماڻهو الڳ الڳ واٽن تي هلندا ۽ ان اختلاف ۾ انهن لاءِ عملن جي آزمائش ٿيندي) تہ جن ڳالهين ۾ ماڻهو اختلاف ڪري رهيا آهن تن جو فيصلو ڪڏهن کان ٿي چڪو هجي ها.

وَيَقُوْلُوْنَ لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۚ فَقُلْ اِنَّمَا الْغَيْبُ لِلّٰهِ فَانْتَظِرُوْا ۚ اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ هي ماڻهو چون ٿا ته، ڇو هن تي (يعني رسولﷺ تي) سندس پروردگار وٽان ڪا نشاني (يا معجزو) نٿو نازل ٿئي؟ (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي ته غيب جو علم ته فقط الله جي لاءِ آهي. پوءِ ترسو مان به توهان سان گڏ ترسڻ وارن مان آهيان (تورن ئي سالن ۾ سچائي ۽ ڪوڙائي جو فيصلو ٿيو ۽ سچن کي فتح نصيب ٿي.)

رڪوع 3

**جڏهن انسان تي ڪا مصيبت ٿي ته فطرتاً خدا کي پڪاري ٿو، پر جڏهن خوشين ۾ محو آهي تڏهن حق کان ۽ چڱن عملن کان غافل رهي ٿو.**

وَاِذَآ اَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً مِّنْۢ بَعْدِ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُمْ اِذَا لَهُمْ مَّكْرٌ فِيْٓ اٰيَاتِنَا ۭ قُلِ اللّٰهُ اَسْرَعُ مَكْرًا ۭ اِنَّ رُسُلَنَا يَكْتُبُوْنَ مَا تَمْكُرُوْنَ ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ جڏهن اسان (يعني الله تعاليٰ) ماڻهن کي ڏکن بعد رحمت جو مزو چکايون ٿا تڏهن هڪدم اسان جي (رحمت جي) نشانين جي خلاف باريڪ باريڪ حيلا ناهڻ شروع ڪري ڏين ٿا. (اي پيغمبر!) تون چئو ته الله اهڙين باريڪين ۾ سيني کان وڌيڪ تيز آهي. سندس فرشتا توهان جون اهي سڀ مڪاريون لکي رهيا آهن.

هُوَ الَّذِيْ يُسَيِّرُكُمْ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ۭ حَتّٰٓى اِذَا كُنْتُمْ فِي الْفُلْكِ ۚ وَجَرَيْنَ بِهِمْ بِرِيْحٍ طَيِّبَةٍ وَّفَرِحُوْا بِهَا جَآءَتْهَا رِيْحٌ عَاصِفٌ وَّجَآءَهُمُ الْمَوْجُ مِنْ كُلِّ مَكَانٍ وَّظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ اُحِيْطَ بِهِمْ ۙ دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ڬ لَئِنْ اَنْجَيْتَنَا مِنْ هٰذِهٖ لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿٢٢﴾

(٢٢) اهوئي (الله) آهي جنهن توهان جي لاءِ زمين تي ۽ پاڻيءَ تي سير ڪرڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. پوءِجڏهن توهان جهازن ۾ سوار ٿيو ٿا ۽ جهاز سٺائي واءَ لڳڻ ڪري توهان کي ڪٽي روانا ٿين ٿا ۽ مسافر خوش ٿين ٿا (ته ڪهڙي نه چڱي هوا لڳي رهي آهي) پوءِ اوچتو سخت هوا جا جهوٽا لڳن ٿا ۽ هر طرف کان لهرن جي ڏمر لڳي وڃي ٿي ۽ مسافر ڀانئن ٿا ته بس هاڻي انهن لهرن ۾ گهيرجي وياسين (۽ بچڻ جي ڪا به اميد ڪانهي) ته پوءِ (هنن کي خدا کان سواءِ ٻي ڪا به هستي ياد نٿي اچي ۽ هو) دين جي اخلاص (۽ سچائيءَ) سان خدا کي پڪارڻ لڳن ٿا ته، اي خدا! جيڪڏهن هن حالت منجهان اسان کي ڇوٽڪارو ڏئين ته اسان ضرور تنهنجا شڪر گذار رهنداسين.

فَلَمَّآ اَنْجٰىهُمْ اِذَا هُمْ يَبْغُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ۭ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّمَا بَغْيُكُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ ۙ مَّتَاعَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۡ ثُمَّ اِلَيْنَا مَرْجِعُكُمْ فَنُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) پوءِ (ڏسو ته) جڏهن الله تعاليٰ کين ڇوٽڪارو ڏئي ٿو تڏهن هڪدم (پنهنجي عهد اقرار وساري ڇڏين ٿا ۽) ناحق ملڪ ۾ سرڪشي ۽ فساد ڪرڻ لڳن ٿا. اي انسانؤ! توهان جي سرڪشي ۽ شرارتن جو وبال ته خود توهان جي ئي جانين تي پوڻ وارو آهي. اهي دنيا جي (ٿورڙن ڏينهن جي) زندگي جا فائدا آهن سي ڀلي ماڻيو. پوءِ توهان کي اسان ڏي ئي موٽي اچڻو آهي. ان وقت اسان توهان کي ٻڌائينداسين ته جيڪي جيڪي دنيا ۾ ڪندا رهيؤ تنهن جي حقيقت ڇا هئي؟

اِنَّمَا مَثَلُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ مِمَّا يَاْكُلُ

(٢٤) دنيا جي زندگيءَ جو مثال ته بس اهڙوئي آهي، جهڙو هيءُ معاملو ته آسمان مان اسان مينهن وسايو ۽ زمين جا اوڀڙ جي ماڻهن ۽ چوپاين

النَّاسُ وَالْاَنْعَامُ ؕ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَخَذَتِ
الْاَرْضُ زُخْرُفَهَا وَازَّيَّنَتْ وَظَنَّ اَهْلُهَاۤ
اَنَّهُمْ قٰدِرُوْنَ عَلَيْهَاۤ ۙ اَتٰٮهَاۤ اَمْرُنَا لَيْلًا اَوْ
نَهَارًا فَجَعَلْنٰهَا حَصِيْدًا كَاَنْ لَّمْ تَغْنَ
بِالْاَمْسِ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ
يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢٤﴾

جانورن لاءِ کاڌ ۽ خوراڪ جو ڪم ڏئي ٿي سا ان مينهن سان سرسبز ٿي، پوءِ جڏهن اهو وقت آيو جو زمين (پنهنجي ساوڪ ۽ لعلائي جا) سڀ زيور پاتا ۽ (لڏندڙ پوکن ۽ ميويدار باغن سان) سينگارجي ويئي ۽ زمين جي مالڪن سمجهيو ته هاڻي فصل اسان جي قبضي ۾ اچي ويو، تڏهن اوچتوئي اوچتو اسان جو حڪم ڏينهن جي وقت يا رات جي وقت اچي ويو ۽ اسان زمين جو سڄو فصل اهڙيءَ طرح پاڙون پٽي ڦٽي ڪيو جو ڄڻ ته گذريل هڪ ڏينهن تائين ان جو ڪو نالو نشان بہ ڪونہ هو. اهڙيءَ طرح اسان (حقيقت جا) دليل کولي کولي بيان ڪيون ٿا انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن.

وَاللّٰهُ يَدْعُوْۤا اِلٰى دَارِ السَّلٰمِ ؕ وَيَهْدِىْ
مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٢٥﴾

(٢٥) ۽ الله تعاليٰ سلامتيءَ جي گهر ڏانهن سڏي ٿو ۽ جنهن لاءِ وڻيس ٿو تنهن کي (ڪاميابي ۽ نجات جي) سڌي واٽ تي لڳائي ٿو.

لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوا الْحُسْنٰى وَزِيَادَةٌ ؕ وَلَا
يَرْهَقُ وُجُوْهَهُمْ قَتَرٌ وَّلَا ذِلَّةٌ ؕ اُولٰٓئِكَ
اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٦﴾

(٢٦) (الله جو قانون هيءُ آهي ته) جن ماڻهن چڱائي ڪئي تن جي لاءِ چڱائي ئي ٿيندي، بلڪ ان کان بہ گهڻو زياده چڱائي ڪين ملندي. سندن چهرن تي نڪي (محروميءَ جي) ڪاراڻ لڳندي، نڪي ذلت ۽ خواري جو اثر ظاهر ٿيندو. اهڙا ئي ماڻهو جنتي آهن ۽ هميشہ جنت ۾ رهندا.

وَالَّذِيْنَ كَسَبُوا السَّيِّاٰتِ جَزَآءُ سَيِّئَةٍۢ بِمِثْلِهَا ۙ
وَتَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ؕ مَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ
عَاصِمٍ ۚ كَاَنَّمَاۤ اُغْشِيَتْ وُجُوْهُهُمْ قِطَعًا مِّنَ
الَّيْلِ مُظْلِمًا ؕ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا
خٰلِدُوْنَ ﴿٢٧﴾

(٢٧) ۽ جن ماڻهن برايون ڪمايون تن لاءِ برائيءَ جو نتيجو اهڙوئي نڪرندو، جهڙي برائي ڪئي هوندائون ۽ انهن تي خواري ڇانئجي ويندي. الله (جي قانون) کان ڪين بچائڻ وارو ڪوبہ نہ هوندو. سندن چهرن تي اهڙيءَ طرح ڪاراڻ ڇانئجي ويندي جهڙيءَ طرح اونداهي رات جو هڪ ٽڪرو چهرن تي ٽڪيو ويو هجي. سو اهڙائي ماڻهو دوزخي آهن ۽ هميشہ دوزخ ۾ رهندا.

وَيَوْمَ نَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ
اَشْرَكُوْا مَكَانَكُمْ اَنْتُمْ وَشُرَكَآؤُكُمْ ۚ فَزَيَّلْنَا
بَيْنَهُمْ وَقَالَ شُرَكَآؤُهُمْ مَّا كُنْتُمْ اِيَّانَا
تَعْبُدُوْنَ ﴿٢٨﴾

(٢٨) ۽ (ڏسو) هڪڙي ڏينهن اسان انهن سڀني (مشرڪن) کي پنهنجي حضور ۾ گڏ ڪنداسين ۽ پوءِ انهن ماڻهن کي جن شرڪ ڪيو هو چونداسين ته توهان ۽ اهي سڀ جن کي توهان (اسان سان) شريڪ ٺهرايو هو پنهنجي جاءِ تان نہ چرجو (يعني جتي بيٺا آهيو اتي ئي بيٺا رهجو) ۽ پوءِ اسان ڪين هڪٻئي کان (يعني شرڪ ڪندڙن کي فرضي شريڪن کان) ڌار ڌار ڪنداسين. پوءِ اهي هستيون جن کي خدا سان شريڪ بنايو ويو هو سي چونديون ته ائين بلڪل ناهي تہ توهان اسان جي پرستش يا بندگي ڪندا هئو.

فَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًاۢ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اِنْ كُنَّا
عَنْ عِبَادَتِكُمْ لَغٰفِلِيْنَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) اڄوڪي ڏينهن اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ الله تعاليٰ جي شاهدي ڪافي آهي، هو ڄاڻي ٿو تہ اسان توهان جي پوڄائن کان بلڪل بي خبر هئاسين.

هُنَالِكَ تَبْلُوْا كُلُّ نَفْسٍ مَّآ اَسْلَفَتْ وَ رُدُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ مَوْلٰىهُمُ الْحَقِّ وَ ضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ۝٣٠

(٣٠) پوءِ انهيءَ ڏينهن هرهڪ ماڻهو ظاهرظهور چٽيءَ طرح معلوم ڪندو تہ جيڪي جيڪي هو اڳي ڪري چڪو آهي، تنهن جي حقيقت ڇا هئي. سڀ الله جي حضور ۾ جو سندن حقيقي مالڪ آهي موٽائي آندا ويندا ۽ حقيقت جي خلاف جيتري قدر ڪوڙا ناهہ هو ناهيندا رهيا آهن سي سڀ گم ٿي ويندا.

## رڪوع 4

### پالڻهاري ۽ ڪارسازي ڏسي پوءِ هو خدا جي حڪمن کي نٿا مڃن

قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ اَمَّنْ يَّمْلِكُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ وَ مَنْ يُّخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَ يُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَ مَنْ يُّدَبِّرُ الْاَمْرَ ؕ فَسَيَقُوْلُوْنَ اللّٰهُ ۚ فَقُلْ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ۝٣١

(٣١) (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کان پڇ تہ اهو ڪير آهي جو اوهان کي آسمان ۽ زمين جي ذريعي روزي ٿو ڏئي؟ اهو ڪير آهي جنهن جي قبضي ۾ اوهان جو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ آهي؟ اهو ڪير آهر آهي جو زنده کي مرده مان ڪڍي ٿو ۽ مرده کي زنده مان ڪڍي ٿو؟ ۽ وري اهو ڪير آهي جو هن سڄي ڪارخاني جو انتظام رکي رهيو آهي؟ هو هڪدم چئي ڏيندا تہ الله. فقط الله! پوءِ تون کين چئو تہ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ توهان (حق جي انڪار جي نتيجن کان) ڇو نہ ٿا ڊڄو؟

فَذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمُ الْحَقُّ ۚ فَمَاذَا بَعْدَ الْحَقِّ اِلَّا الضَّلٰلُ ۚۖ فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ ۝٣٢

(٣٢) اهو ئي الله في الحقيقت اوهان جو پروردگار آهي، پوءِ ٻڌايو تہ سچائيءَ کي ڇاڏڻ کان پوءِ ان کي نہ مڃڻ گمراهي ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ توهان (حقيقت کان) منهن موڙي ڪاڏي وڃي رهيا آهيو؟

كَذٰلِكَ حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيْنَ فَسَقُوْٓا اَنَّهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝٣٣

(٣٣) (اي پيغمبر!) اهڙي ئي طرح تنهنجي پروردگار جو فرمودو انهن ماڻهن تي سچو ثابت ٿيو جيڪي ماڻهو (هدايت جي دائري کان) ٻاهر نڪري ويا آهن جي ايمان آڻڻ وارا ئي نہ رهيا آهن.

قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ؕ قُلِ اللّٰهُ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ۝٣٤

(٣٤) (اي پيغمبر!) انهن کان پڇ تہ ڇا اوهان جي ٺهرايل شريڪن مان ڪو اهڙو بہ آهي جو خلقت جي پيدائش شروع ڪري ۽ وري ان کي ٻيهر پيدا ڪري؟ کين چئو تہ الله ئي آهي جو ابتدا ۾ پيدا ڪري ٿو، وري ان کي ٻيهر پيدا ڪندو، پوءِ غور تہ ڪيو تہ توهان جي اونڌي هلت چلت اوهان کي ڪاڏي ڪٽي وڃي رهي آهي.

قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ ؕ قُلِ اللّٰهُ يَهْدِيْ لِلْحَقِّ ؕ اَفَمَنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ اَحَقُّ اَنْ يُّتَّبَعَ اَمَّنْ لَّا يَهِدِّيْٓ اِلَّآ اَنْ يُّهْدٰى ۚ فَمَا لَكُمْ ۟ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ۝٣٥

(٣٥) (اي پيغمبر!) انهن کان پڇو تہ توهان جي هٿرادو بنايل شريڪن مان ڪوئي آهي جو حق جي راهہ ڏيکاري ٿو؟ چئو تہ الله ئي آهي جو حق جي راهہ ڏيکاري ٿو. ڇا پوءِ جيڪو حق جي راهہ ڏيکاري سو وڌيڪ حقدار آهي تہ سندس پيروي ڪئي وڃي يا اهو وڌيڪ حقدار آهي جو پاڻ ئي راهہ لهي نٿو سگهي، جيستائين ڪ کيس راهہ نہ ڏيکاري وڃي؟ (افسوس آهي اوهان تي) اوهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ اوهان ڪيئن (غلط) فيصلو ڪري رهيا آهيو؟

وَمَا يَتَّبِعُ اَكۡثَرُهُمۡ اِلَّا ظَنًّا ؕ اِنَّ الظَّنَّ لَا يُغۡنِىۡ مِنَ الۡحَـقِّ شَيۡـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌۢ بِمَا يَفۡعَلُوۡنَ ﴿۳۶﴾

(٣٦) ۽ انهن ماڻهن مان گهڻا ماڻهو اهڙائي آهن، جيڪي فقط وهم ۽ گمان جي ڳالهين تي هلن ٿا. بيشڪ سچائيءَ جي سڃاڻپ لاءِ گمان ڪجهه بہ ڪم ڏئي نٿو سگهي. اهي ماڻهو جيڪي جيڪي ڪري رهيا آهن سو تحقيق الله تعاليٰ خوب ڄاڻي ٿو.

وَمَا كَانَ هٰذَا الۡقُرۡاٰنُ اَنۡ يُّفۡتَـرٰى مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَلٰـكِنۡ تَصۡدِيۡقَ الَّذِىۡ بَيۡنَ يَدَيۡهِ وَ تَفۡصِيۡلَ الۡـكِتٰبِ لَا رَيۡبَ فِيۡهِ مِنۡ رَّبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۳۷﴾

(٣٧) ۽ هن قرآن جو معاملو اهڙو ناهي جو الله کان سواءِ ڪوبہ ٻيو پنهنجي دل ۽ دماغ مان ڪڍي ٿاهي سگهي. اهو تہ انهن سڀني وحين جي تصديق آهي جيڪي ان کان اڳي نازل ٿي چڪا آهن ۽ (قرآن) الله جي ڪتاب جو تفصيل آهي (يعني الله جي ڪتابن ۾ جيڪا بہ تعليم ڏني ويئي آهي سا سڀ ان ۾ کولي کولي بيان ڪئي وئي آهي) ان ۾ ڪجهہ بہ شڪ ڪونهي سڀني جهانن جي پروردگار وٽان آيل آهي.

اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ افۡتَـرٰٮهُ ؕ قُلۡ فَاۡتُوۡا بِسُوۡرَةٍ مِّثۡلِهٖ وَادۡعُوۡا مَنِ اسۡتَطَعۡتُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿۳۸﴾

(٣٨) ڇا اهي ماڻهو هيئن ٿا چون تہ هن شخص (يعني پيغمبرﷺ الله جي نالي) تي هي ڪوڙو ٺاهہ ٺاهيو آهي؟ تون چئو تہ، جيڪڏهن توهان ائين چوڻ ۾ سچا آهيو (۽ جيڪڏهن هڪڙو ماڻهو اهڙو ڪلام پاڻ ٺاهي سگهي ٿو) تہ قرآن جي سورتن جهڙي هڪڙي سورت ٺاهي پيش ڪيو ۽ خدا کان سواءِ جن جن هستين کي پنهنجي مدد لاءِ سڏي سگهو ٿا، تن کي بہ سڏيو (اوهان سڀ گڏجي بہ هڪ سورت نہ ٺاهي سگهندؤ).

بَلۡ كَذَّبُوۡا بِمَا لَمۡ يُحِيۡطُوۡا بِعِلۡمِهٖ وَلَمَّا يَاۡتِهِمۡ تَاۡوِيۡلُهٗ ؕ كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ فَانْظُرۡ كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۳۹﴾

(٣٩) نہ نہ، (اها ڳالهہ تہ آهي ئي نہ، اصل حقيقت هيءَ آهي تہ) جنهن ڳالهہ کي پنهنجي علم سان پروڙي نٿا سگهن ۽ جنهن ڳالهہ جو نتيجو اڃا پيش نہ آيو اٿن تنهن کي ڪوڙو سمجهي رد ڪرڻ لاءِ تيار بيٺا آهن. بلڪ اهڙيءَ ئي طرح انهن ماڻهن بہ (حق کي) ڪوڙو ٺهرايو هو جي ماڻهو اڳي ٿي گذريا آهن، پوءِ ڏسو تہ انهن ظالمن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ (خراب) ٿي.

وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ يُّؤۡمِنُ بِهٖ وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ لَّا يُؤۡمِنُ بِهٖ ؕ وَرَبُّكَ اَعۡلَمُ بِالۡمُفۡسِدِيۡنَ ﴿۴۰﴾

(٤٠) ۽ (اي پيغمبر!) انهن مان (يعني تنهنجي قوم مان) ڪي تہ اهڙا آهن جي قرآن تي (آئنده) ايمان آڻيندا ۽ ڪي اهڙا آهن، جي ايمان آڻڻ وارا هرگز ناهن ۽ تنهنجو پروردگار خوب ڄاڻي ٿو تہ ڪهڙا ماڻهو مفسد آهن (يعني خرابيون ڪرڻ وارا آهن.)

### رڪوع 5

### جيڪي ٻوڙا ۽ انڌا آهن تن کي تون ڪيئن ٻڌائي سگهندين ۽ واٽ ڏيکاري سگهندين؟

وَاِنۡ كَذَّبُوۡكَ فَقُلْ لِّىۡ عَمَلِىۡ وَلَـكُمۡ عَمَلُكُمۡ ۚ اَنۡـتُمۡ بَرِيۡٓــُٔوۡنَ مِمَّاۤ اَعۡمَلُ وَاَنَا

(٤١) ۽ جيڪڏهن هي ماڻهو (ايتري قدر سمجهائڻ بعد بہ) توکي ڪوڙو سمجهن تہ، تون چئي ڏي تہ منهنجي لاءِ منهنجو عمل آهي ۽ اوهان جي لاءِ اوهان جو. مان جيڪي جيڪي ڪيان ٿو تنهن جي ذميواري اوهان تي

بَرِیۡٓءٌ مِّمَّا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۴۱﴾

ڪانهي ۽ توهان جيڪي جيڪي ڪيو ٿا تنهن لاءِ مان ذميوار ڪونه آهيان. (توهان پلي پنهنجي راهه وٺو، پوءِ ڏسو ته الله ڪهڙو ٿو فيصلو ڪري).

وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ يَّسۡتَمِعُوۡنَ اِلَيۡكَ‌ؕ اَفَاَنۡتَ تُسۡمِعُ الصُّمَّ وَلَوۡ كَانُوۡا لَا يَعۡقِلُوۡنَ ﴿۴۲﴾

(٤٢) ۽ (اي پيغمبر!) هنن ۾ ڪي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي تنهنجيون ڳالهيون (ظاهري طرح) ٻڌن ٿا (۽ تون پائيئين ٿو ته حق جو ڪلام ٻڌي سچائي اختيار ڪندا، پر حقيقتاً هو ٻڌن ڪونه ٿا) پوءِ ڇا تون ٻوڙن کي ٻڌاي سگهندين اگرچه هو ڳالهه کي سمجهي ڪونه سگهندا؟ (نڪي سمجهڻ جي ڪوشش ئي ڪن؟)

وَمِنۡهُمۡ مَّنۡ يَّنۡظُرُ اِلَيۡكَ‌ؕ اَفَاَنۡتَ تَهۡدِى الۡعُمۡىَ وَلَوۡ كَانُوۡا لَا يُبۡصِرُوۡنَ ﴿۴۳﴾

(٤٣) ۽ انهن ۾ ڪي اهڙا آهن جيڪي توڏي نهارين ٿا (۽ تون پائيئين ٿو ته توکي سمجهه سان ڏسن ٿا، حالانڪ هو توکي ڏسن ئي ڪونه ٿا) پوءِ ڇا تون انڌن کي واٽ ڏيکاريندين اگرچه هن کي (سمجهڻ جي) نظر ئي ڪانه هجي؟

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظۡلِمُ النَّاسَ شَيۡـًٔـا وَّلٰـكِنَّ النَّاسَ اَنۡفُسَهُمۡ يَظۡلِمُوۡنَ ﴿۴۴﴾

(٤٤) يقيناً الله تعاليٰ انسانن تي تر جيترو به ظلم نٿو ڪري (هو ڪنهن کي زور سان انڌو ٻوڙو نٿو ڪري) پر پاڻ انسان ئي آهي جو پاڻ تي ظلم ٿو ڪري (ڇو ته الله جي ڏنل قوتن کان ڪم نٿو وٺي ۽ خود غرضي ۽ هٺ وڏائي ۾ پئجي سچائيءَ کان انڪار ٿو ڪري). (404)

وَيَوۡمَ يَحۡشُرُهُمۡ كَاَنۡ لَّمۡ يَلۡبَثُوۡۤا اِلَّا سَاعَةً مِّنَ النَّهَارِ يَتَعَارَفُوۡنَ بَيۡنَهُمۡ‌ؕ قَدۡ خَسِرَ الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِلِقَآءِ اللّٰهِ وَمَا كَانُوۡا مُهۡتَدِيۡنَ ﴿۴۵﴾

(٤٥) ۽ جنهن ڏينهن الله تعاليٰ انهن سڀني کي (قيامت جي ڏينهن) جمع ڪري پاڻ وٽ حاضر ڪندو تنهن ڏينهن کين ائين معلوم ٿيندو ته (دنيا ۾) هڪ گهڙيءَ کان وڌيڪ نه رهيا ۽ (رڳو هڪ گهڙي) پاڻ ۾ جاڻ سڃاڻ (۽ ڪيڪار پليڪار) ڪري ورتائون. بيشڪ اهي ماڻهو پوءِ وڏي نقصان ۽ تباهي هيٺ آيا (يا ايندا) جن الله جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ کي نه مڃيو هو ۽ (ڪاميابيءَ جي) راهه وٺڻ وارا نه هئا.

وَاِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعۡضَ الَّذِىۡ نَعِدُهُمۡ اَوۡ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيۡنَا مَرۡجِعُهُمۡ ثُمَّ اللّٰهُ شَهِيۡدٌ عَلٰى مَا يَفۡعَلُوۡنَ ﴿۴۶﴾

(٤٦) ۽ (اي پيغمبر!) هنن ماڻهن سان (يعني عرب جي منڪرن سان) جن ڳالهين جو واعدو ڪيو ويو آهي (يعني عذابن جي خبر ڏني وئي آهي) انهن مان ڪي ڳالهيون توکي (تنهنجي حياتيءَ ۾) ڏيکاريون يا (ان کان اڳ ئي) تنهنجو وقت پورو ڪري ڇڏيون، هر حالت ۾ هنن کي اسان جي ئي طرف موٽڻو آهي ۽ اهي جيڪي جيڪي ڪري رهيا آهن تنهن تي الله تعاليٰ شاهد آهي (۽ ضرور کين سندن عملن جو بدلو ڏيندو.)

وَلِكُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوۡلٌ‌ ۚ فَاِذَا جَآءَ رَسُوۡلُهُمۡ قُضِىَ بَيۡنَهُمۡ بِالۡقِسۡطِ وَهُمۡ لَا يُظۡلَمُوۡنَ ﴿۴۷﴾

(٤٧) ۽ (ياد رکو ته) هرهڪ امت جي لاءِ هڪ رسول آهي (جو ان ۾ پيدا ٿئي ٿو ۽ حق جي طرف سڏي ٿو) پوءِ جڏهن ڪنهن امت ۾ ان جو رسول ظاهر ٿيو ته (اسان جو قانون هي آهي ته) انهن جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪيو وڃي ٿو، ۽ ائين نٿو ٿئي جو هنن سان بي انصافي ٿئي. (يعني رسولن سان دشمنيءَ ۾ مخالفت ڪندڙن کي سندن ظلمن جي سزا انصاف سان ملي ٿي).

وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۝٤٨

(٤٨) ۽ هي ماڻهو چون ٿا ته جيڪڏهن توهان (مسلمان) سچا آهيو ته، هيءَ ڳالھ (يعني حق کان انڪار ڪرڻ جي سزا) ڪڏهن ظهور ۾ ايندي؟

قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ۭ لِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ۭ اِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَلَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ۝٤٩

(٤٩) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي ته (هيءَ معاملو منهنجي هٿ ۾ ناهي جو ٻڌايان ته ڪڏهن ائين ٿيندو) مون کي ته پنهنجي جان جو نفعو نقصان به قبضي ۾ ناهي. اهوئي ٿئي ٿو جيڪي الله تعاليٰ چاهيو آهي. هر امت جي لاءِ (عمل جي بدلي جو) هڪ مقرر وقت آهي ۽ جڏهن اهو وقت اچي وڃي ٿو تڏهن هو نڪي هڪ گهڙي پوئتي رهي سگهن ٿا، نڪي هڪ گهڙي اڳتي.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُهٗ بَيَاتًا اَوْ نَهَارًا مَّاذَا يَسْتَعْجِلُ مِنْهُ الْمُجْرِمُوْنَ ۝٥٠

(٥٠) (اي پيغمبر! تون هنن ماڻهن کي) چئو ته، (ڇا توهان هن ڳالھ تي به غور ڪيو آهي ته) توهان ڇا ڪندؤ جيڪڏهن خدا جو عذاب راتو رات نازل ٿئي يا ڏينهن جو ئي توهان کي وڪوڙي وڃي. پوءِ ڪهڙي ڳالھ آهي جنهن جي لاءِ (هي بيوقوف) ڏوهه گناه ڪندڙ تڪڙ ڪري رهيا آهن (ائين نٿا سمجهن ته عذاب جي اچڻ لاءِ تڪڙ ڪري رهيا آهيون.)

اَثُمَّ اِذَا مَا وَقَعَ اٰمَنْتُمْ بِهٖ ۭ اٰۗلْــٰٔنَ وَقَدْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ ۝٥١

(٥١) ڇا جڏهن اهو (عذاب) واقع ٿيندو (يعني اچي ويندو) تڏهن توهان کي يقين ايندو؟ (پر ان وقت ايمان يا يقين ڪجھ به ڪم نه ايندو. انهيءَ وقت ڪاڏي ويندؤ. هائو!) هاڻي توهان کي يقين آيو، پر توهان ئي هئو جو هن (عذاب جي) طلب ۾ جلدي مچائي ڏيندا هئو.

ثُمَّ قِيْلَ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ ۚ هَلْ تُجْزَوْنَ اِلَّا بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ۝٥٢

(٥٢) پوءِ ظلم ڪندڙن کي چيو ويندو ته هاڻي هميشه لاءِ عذاب چکو. توهان کي جيڪو بدلو ملي رهيو آهي سو سواءِ هن جي ٻيو ڪجھ به نه آهي ته توهان جي ئي ڪرتوتن جو نتيجو آهي جي دنيا ۾ ڪندا رهيا آهيو.

وَيَسْتَنْۢبِـُٔوْنَكَ اَحَقٌّ هُوَ ۭ قُلْ اِيْ وَرَبِّيْٓ اِنَّهٗ لَحَقٌّ ۚ وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ۝٥٣

(٥٣) ۽ هو توکان پڇن ٿا ته، ڇا هيءَ ڳالھ واقعي سچ آهي؟ تون (بي ڌڙڪ) چئي ڏي ته ها منهنجو پروردگار ان تي شاهد آهي ته هيءَ ڳالھ بلاشڪ سچ آهي ۽ توهان هرگز ائين نٿا ڪري سگهو جو هن کي (يعني الله کي سندس ڪمن ۾) عاجز ڪري سگهو. (يعني انهن ڪمن کان ڪيس روڪي سگهو.)

رڪوع 6

**ڪافرن کي جيڪا مهلت ڏني وڃي ٿي سا خدا جو فضل آهي بشرطيڪ هو توبھ ڪن ۽ پاڻ سڌارين.**

وَلَوْ اَنَّ لِكُلِّ نَفْسٍ ظَلَمَتْ مَا فِي الْاَرْضِ لَافْتَدَتْ بِهٖ ۭ وَاَسَرُّوا النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ ۚ وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ

(٥٤) ۽ (اهو اچڻ وارو عذاب اهڙو پيانڪ ۽ پوائتو آهي ۽ ان جو اچڻ ايتري قدر يقيني آهي جو) جيڪڏهن هرهڪ ظالم انسان جي قبضي ۾ اهو سڀ ڪجھ هجي جو روءِ زمين تي آهي ته هو ضرور ان کي فديئي طور (پاڻ کي عذاب کان بچائڻ لاءِ) ڏئي ڇڏيندو. (يعني سڀ ڪجھ ڏيڻ لاءِ

وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ۝٥٤

تيار ٿي ويندو. پر ان وقت فديو قبول نہ پوندو) ۽ (ڏسو تہ) جڏهن هنن عذاب کي پنهنجي سامهون ڏٺو تڏهن (پنهنجي سرڪشي ۽ ڪفر ياد ڪري) دل ئي دل ۾ پڇتائڻ لڳا. پوءِ انهن جي وچ ۾ (يعني مؤمنن ۽ سرڪش ڪافرن جي وچ ۾) انصاف سان فيصلو ڪيو ويو. ۽ ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيندو جو هنن سان ڪنهن بہ طرح جي بي انصافي ڪئي وڃي.

اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اَلَآ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٥٥

(٥٥) ياد رکو تہ آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ جيڪي بہ آهي سو سڀ الله جي لاءِ ئي آهي. (ڪائنس سواءِ ڪوبہ ڪونهي جنهن کي حڪم ۽ تصرف ۾ ڪجهہ دخل هجي) ۽ هيءَ ڳالهہ بہ نہ وساريو تہ الله جو واعدو سچو آهي (اهو ڪڏهن بہ ٽري نہ سگهندو) پر (افسوس تہ) هنن ماڻهن ۾ اڪثر اهڙا آهن، جيڪي اها ڳالهہ نٿا ڄاڻن (۽ سمجهن).

هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ۝٥٦

(٥٦) اهوئي (الله تعاليٰ) جيئاري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ اهوئي آهي جنهن ڏانهن اوهان سڀني کي (آخر) موٽڻو آهي (۽ عملن جو بدلو وٺڻو آهي).

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَشِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ ۙ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۝٥٧

(٥٧) اي انسانو! توهان ڏي توهان جي پروردگار وٽان هڪ اهڙي شيءِ آئي آهي جا (وڏي فائدي واري) نصيحت آهي، دل جي سڀني بيمارين لاءِ شفا آهي ۽ هدايت ۽ رحمت آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ( ان قرآن تي) ايمان ۽ يقين رکن ٿا.

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَبِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ۝٥٨

(٥٨) (اي پيغمبر!) تون چئو تہ هي (قرآن) الله جو فضل آهي ۽ الله جي رحمت آهي. پوءِ (مؤمنن کي) گهرجي تہ انهيءَ تي خوشيون ڪن ۽ اهو (قرآن) انهن سڀني شين کان بهتر آهي، جي هو (ڪافر) ماڻهو (دنيا جي زندگيءَ ۾) جمع ڪندا رهن ٿا.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ لَكُمْ مِّنْ رِّزْقٍ فَجَعَلْتُمْ مِّنْهُ حَرَامًا وَّحَلٰلًا ؕ قُلْ آٰللّٰهُ اَذِنَ لَكُمْ اَمْ عَلَى اللّٰهِ تَفْتَرُوْنَ ۝٥٩

(٥٩) (اي پيغمبر!) تون انهن (انڪار ڪندڙن) کي چئو تہ ڇا توهان هن ڳالهہ تي بہ ڪڏهن غور ڪيو آهي تہ جيڪا روزي الله تعاليٰ اوهان لاءِ پيدا ڪئي آهي تنهن مان ڪن شين کي توهان (فقط پنهنجي وهمن ۽ گمانن جي ڪري) حرام ٺهرايو آهي ۽ ڪن کي حلال سمجهيو آهي؟ تون ڪائنئن پڇ تہ (هي جو توهان حلال حرام جا حڪم لڳايا آهن سو اوهان کي) الله تعاليٰ انهيءَ جي اجازت ڏني آهي ڇا؟ يا توهان الله تعاليٰ تي بهتان ٺاهي وينا آهيو؟

وَمَا ظَنُّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَشْكُرُوْنَ ۝٦٠ ۧ

(٦٠) ۽ (جن ماڻهن جي جرئتن جو اهو حال آهي جو) الله جي نالي تي ڪوڙ هڻي ٺاهہ ٺاهي رهيا آهن، تن قيامت جي ڏينهن بابت ڇا سمجهيو آهي، (ائين ٿا سمجهن ڇا تہ الله جي طرف کان سندن ڪوڙن ۽ بدعملن لاءِ پڇاڻو ٿيڻوئي ڪونهي؟) حقيقت هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ انسانن جي لاءِ وڏي فضل

وارو آهي (جو عملن جي سزا جو وڏو حصو آخرت لاءِ رکي ڇڏيو اٿس ۽ دنيا ۾ سيني کي مهلت گھٽي حد تائين ڏئي ڇڏي اٿس) تنهن هوندي به هنن ۾ اڪثر ماڻهو اهڙا آهن جيڪي بلڪل بي شڪر آهن.

## رکوع 7

## الله تعاليٰ کان اوهان جا علم ۽ ڳالهيون ڳجهيون نا هن، عزتون الله جي هٿ ۾ آهن

وَمَا تَكُوْنُ فِيْ شَاْنٍ وَّمَا تَتْلُوْا مِنْهُ مِنْ قُرْاٰنٍ وَّلَا تَعْمَلُوْنَ مِنْ عَمَلٍ اِلَّا كُنَّا عَلَيْكُمْ شُهُوْدًا اِذْ تُفِيْضُوْنَ فِيْهِ ؕ وَمَا يَعْزُبُ عَنْ رَّبِّكَ مِنْ مِّثْقَالِ ذَرَّةٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَآءِ وَلَآ اَصْغَرَ مِنْ ذٰلِكَ وَلَآ اَكْبَرَ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿٦١﴾

(٦١) ۽ (اي پيغمبر!) تون ڪهڙي به حال ۾ هجين ۽ قرآن جي ڪا آيت به پڙهي ٻڌائيندو هجين، ۽ (اي انسانو) اوهان ڪوبه ڪم ڪندا هجو ته به اسان اوهان کي اهو ڪم ڪندي ڏسون ٿا. زمين ۾ ۽ آسمان ۾ ڪا ذري برابر شيء به تنهنجي پروردگار کان ڳجهي ناهي. انهيءَ کان به ننڍي يا وڏي شيءِ ڪابه ڪانهي جا واضح ۽ چٽي ڪتاب ۾ درج ٿيل نه هجي (يعني الله تعاليٰ کي سڀ ڪجهه معلوم آهي ۽ سيني شين تي سندس نگاهه ۽ ضابطو آهي.)

اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾

(٦٢) ياد رکو ته، جيڪي الله جا دوست آهن تن جي لاءِ نه ڪنهن طرح جو خوف هوندو، نه وري ڪنهن به طرح جي غمگيني.

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾

(٦٣) اهي ئي ماڻهو آهن جن (سچيءَ طرح) ايمان آندو ۽ (زندگي اهڙيءَ طرح گذاريائون جو) برائين ۽ گناهن کان بچندا رهيا.

لَهُمُ الْبُشْرٰى فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ ؕ لَا تَبْدِيْلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٤﴾

(٦٤) انهن (سچن مؤمنن) لاءِ دنيا جي زندگيءَ ۾ به (ڪامراني ۽ سعادت جي) خوشخبري آهي ۽ آخرت جي زندگيءَ ۾ به. الله جا فرمان (۽ قانون) اٽر آهن. ڪڏهن به بدلجڻ وارا نه آهن ۽ اهائي سڀ کان وڏي فتح ۽ ڪامراني آهي (جا فرمانبرداري انسان کي نصيب ٿي سگهي ٿي).

وَلَا يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ ۘ اِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ؕ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٦٥﴾

(٦٥) ۽ (اي پيغمبر!) منڪرن جي (دشمنيءَ جي) ڳالهين تي تون غم نه ڪر. سڀ عزتون الله جي لاءِ ئي آهن (هو جنهن کي چاهي تنهن کي عزت ڏئي ۽ جنهن کي چاهي تنهن کي خوار خراب ڪري) هو ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ ؕ وَمَا يَتَّبِعُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ شُرَكَآءَ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿٦٦﴾

(٦٦) ياد رکو ته، اهي هستيون جي آسمانن ۾ آهن ۽ اهي جي زمين ۾ آهن سي سڀ الله ئي جي حڪم لاءِ آهن (۽ سندس فرمانن جون تابعدار آهن) ۽ جيڪي ماڻهو الله کان سواءِ پنهنجي ٺهرايل شريڪن کي پڪارين ٿا تن بابت توهان کي خبر آهي ته هو ڪهڙي ڳالهه جي پيروي ٿا ڪن (ڇا يقين ۽ بصيرت جي پيروي ٿا ڪن؟ نه هرگز نه) هو فقط وهمن ۽ گمانن جي پيروي ڪري رهيا آهن. هو (هر ڳالهه ۾) فقط اٽڪلون هلائي رهيا آهن (۽ باطل جي پٺيان لڳي رهيا آهن).

هُوَ الَّذِیۡ جَعَلَ لَکُمُ الَّیۡلَ لِتَسۡکُنُوۡا فِیۡہِ وَ
النَّہَارَ مُبۡصِرًا ؕ اِنَّ فِیۡ ذٰلِکَ لَاٰیٰتٍ لِّقَوۡمٍ
یَّسۡمَعُوۡنَ ﴿۶۷﴾

(٦٧) اهوئي (الله) آهي جنهن اوهان جي لاءِ رات جو وقت بنايو، انهيءَ لاءِ ته ان ۾ آرام وٺو ۽ ڏينهن جو وقت به بنايو ته ان ۾ (دنيا ۽ دنيائي شين کي) ڏسو وائسو. بيشڪ هن ڳالهه ۾ انهن ماڻهن لاءِ (الله جي ربوبيت جون وڏيون ئي نشانيون آهن، جيڪي (حق جو ڪلام) ٻڌن (۽ سمجهن) ٿا.

قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰہُ وَلَدًا سُبۡحٰنَہٗ ؕ ہُوَ الۡغَنِیُّ ؕ
لَہٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِی الۡاَرۡضِ ؕ اِنۡ
عِنۡدَکُمۡ مِّنۡ سُلۡطٰنٍۭ بِہٰذَا ؕ اَتَقُوۡلُوۡنَ عَلَی
اللّٰہِ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۶۸﴾

(٦٨) اهي چون ٿا ته، الله پنهنجو هڪ پٽ بنائي رکيو آهي. (پر) پاڪائي هجي الله جي لاءِ! هو ته (انهيءَ طرح جي گهرجن کان) آزاد ۽ بي نياز آهي (ڇو ته) جيڪي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي جيڪي زمين تي يا زمين ۾ آهي سو سڀ سندس ئي لاءِ آهي (پوءِ پٽ جي ڪهڙي ضرورت پئي اٿس) توهان (مشرڪن) وٽ اهڙي ڳالهه چوڻ لاءِ ڪهڙو دليل اچي ويو آهي؟ ڇا توهان الله جي باري ۾ اهڙي ڳالهه چوڻ جي جرئت ٿا ڪيو، جنهن لاءِ توهان کي ڪو علم ئي ڪونهي.

قُلۡ اِنَّ الَّذِیۡنَ یَفۡتَرُوۡنَ عَلَی اللّٰہِ الۡکَذِبَ لَا
یُفۡلِحُوۡنَ ﴿ؕ۶۹﴾

(٦٩) (اي پيغمبر!) تون چئو ته، بيشڪ جيڪي ماڻهو الله تي بهتان ٿا ٻڌن سي ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا.

مَتَاعٌ فِی الدُّنۡیَا ثُمَّ اِلَیۡنَا مَرۡجِعُہُمۡ ثُمَّ
نُذِیۡقُہُمُ الۡعَذَابَ الشَّدِیۡدَ بِمَا کَانُوۡا
یَکۡفُرُوۡنَ ﴿٪۷۰﴾

(٧٠) انهن جي لاءِ فقط دنيا جوئي متاع آهي (جيئن ڏورن ڏڳن لاءِ به آهي) پوءِ (آخر) اسان ڏي موٽندا، پوءِ اسان کين سخت عذاب جو مزو چکائينداسين، انهيءَ لاءِ ته جيڪي ڪفر جون ڳالهيون (۽ ڪم) ڪري رهيا آهن تن جو نتيجو لوڙين.

## رکوع 8

**پيغمبر اوهان وٽ هدايت کڻي ٿا اچن ان لاءِ ڪا موڙي نٿا گهرن ۽ نَڪا طمع ٿا رکن**

وَ اتۡلُ عَلَیۡہِمۡ نَبَاَ نُوۡحٍ ۘ اِذۡ قَالَ لِقَوۡمِہٖ
یٰقَوۡمِ اِنۡ کَانَ کَبُرَ عَلَیۡکُمۡ مَّقَامِیۡ وَ
تَذۡکِیۡرِیۡ بِاٰیٰتِ اللّٰہِ فَعَلَی اللّٰہِ تَوَکَّلۡتُ
فَاَجۡمِعُوۡۤا اَمۡرَکُمۡ وَ شُرَکَآءَکُمۡ ثُمَّ لَا یَکُنۡ
اَمۡرُکُمۡ عَلَیۡکُمۡ غُمَّۃً ثُمَّ اقۡضُوۡۤا اِلَیَّ وَ لَا
تُنۡظِرُوۡنِ ﴿۷۱﴾

(٧١) ۽ (اي پيغمبر!) انهن کي حضرت نوح جو احوال ٻڌاءِ ته حضرت نوح پنهنجي قوم کي چيو هو ته، اي منهنجي قوم! جيڪڏهن توهان کي هيءَ ڳالهه تڪليف ٿي ڏئي ته مان (توهان کي اسلام جي دعوت ڏيڻ ۽ هدايت ڪرڻ لاءِ) اٿي ڪٿو ٿيو آهيان ۽ الله جي آيتن سان نصيحت ٿو ڪيان ته منهنجو ڀروسو فقط الله تعاليٰ تي آهي. پوءِ (منهنجي خلاف جيڪي به ڪرڻ چاهيو ٿا تنهن لاءِ) گڏجي ٺاهه ٺاهيو ۽ پنهنجي (ٺهرايل) شريڪن کي به پاڻ سان شامل ڪيو. پوءِ (جيڪو به ڪرڻ چاهيو ٿا تنهن لاءِ) گڏجي ٺاهه ٺاهيو ۽ پنهنجي (ٺهرايل) شريڪن کي به پاڻ سان شامل ڪيو. پوءِ (جيڪو به توهان جي منصوبو تيار ٿئي تنهن کي چڱيءَ طرح سمجهي وٺو) جيئن ڪابه ضروري ڳالهه رهجي نه وڃي. پوءِ (جيڪي به منهنجي خلاف ڪرڻو اٿو سو) ڪري گذرو ۽ مونکي ذرو به مهلت نه ڏيو (۽ ڏسو ته آخر نتيجو ڇا ٿو نڪري؟)

فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَمَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ ؕ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ ۙ وَاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٧٢﴾

(٧٢) پوءِ جيڪڏهن (انهيءَ تي به توهان باز نه آيا ۽) مون کان منهن موڙي ڇڏيو ته (ياد رکو ته پنهنجو ئي نقصان ڪندؤ) مان جيڪي به ڪري رهيو آهيان تنهن لاءِ توهان کان ڪا به مزوري ڪڏهن به ڪانه گهريم. منهنجي مزوري (اجر) ته الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن وٽ به ناهي. مون کي (خدا وٽان) حڪم ڏنو ويو آهي، ته سندس فرمانبردار ٻانهن جي جماعت ۾ شامل رهان.

فَكَذَّبُوْهُ فَنَجَّيْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَجَعَلْنٰهُمْ خَلٰٓئِفَ وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿٧٣﴾

(٧٣) تنهن هوندي به (هوس پرست انڌن) ماڻهن ڪيس (يعني حضرت نوح کي) ڪوڙو سمجهي نه مڃيو. پوءِ اسان ڪيس ۽ سندس ماڻهن (يعني مٿس ايمان آڻيندڙن) کي جيڪي ساڻس ٻيڙيءَ ۾ سوار هئا (طوفان ۽ ٻوڏ کان) بچائي ورتو ۽ (غرق ٿيل قوم جو) جانشين بنايو ۽ جن ماڻهن اسان جون آيتون (نشانيون) ڪوڙيون سمجهي نه مڃيو تن کي اسان (ٻوڏ ۾) ٻوڙي غرق ڪري ڇڏيو. پوءِ ڏس ته انهن ماڻهن جو ڪهڙو حشر ٿيو جن کي (انڪار ۽ سرڪشيءَ جي نتيجن کان) خبردار ڪيو ويو هو.

ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ رُسُلًا اِلٰى قَوْمِهِمْ فَجَآءُوْهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا بِهٖ مِنْ قَبْلُ ؕ كَذٰلِكَ نَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٧٤﴾

(٧٤) پوءِ حضرت نوح بعد اسان (ڪيترائي) رسول سندن قومن ۾ پيدا ڪيا. اهي هنن ڏانهن روشن دليل ڪٺي آيا هئا، تڏهن به سندن قومون جيڪا ڳالهه اڳ ئي ڪوڙي سمجهي نه مڃي هئائون تنهن کي (دليل ڏسي به) مڃڻ لاءِ تيار نه هيون، (سو ڏسو ته) جيڪي ماڻهو (سرڪشي ۽ فساد ۾) حدن کان ٻاهر لنگهي ٿا وڃن، تن جي دلين تي اسان اهڙيءَ طرح مهر لڳائي ٿا ڇڏيون (جو پوءِ ڪڏهن به عقل ۽ بصيرت جي سڌي واٽ تي اچي نٿا سگهن.)

ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى وَهٰرُوْنَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ بِاٰيٰتِنَا فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿٧٥﴾

(٧٥) پوءِ اسان انهن رسولن بعد موسىٰ ۽ هارون کي (پيغمبر ڪري) فرعون ۽ سندس درٻارين ڏي موڪليو. هنن کي (يعني حضرت موسىٰ ۽ هارون کي) اسان جون نشانيون ۽ معجزا ساڻ ڏنا هئا، پر فرعون ۽ سندس درٻارين تڪبر ڪيو ۽ هنن جي جماعت گهنگارن جي جماعت هئي.

فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْٓا اِنَّ هٰذَا لَسِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧٦﴾

(٧٦) پوءِ جڏهن اسان وٽان فرعون ۽ سندس ماڻهن ڏي (حضرت موسىٰ ۽ هارون کي) حق جي ڳالهه آئي (۽ معجزا ڏٺائون) تڏهن هو (منڪر) چوڻ لڳا ته، هي ته فقط جادو آهي ۽ چٽو چٽو جادو آهي.

قَالَ مُوْسٰٓى اَتَقُوْلُوْنَ لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَكُمْ ؕ اَسِحْرٌ هٰذَا ؕ وَلَا يُفْلِحُ السّٰحِرُوْنَ ﴿٧٧﴾

(٧٧) حضرت موسىٰ چيو ته جڏهن توهان وٽ حق ۽ سچائي اچي ويئي آهي تڏهن ان باري ۾ هيئن ٿا چئو ڇا ته اهو جادو آهي؟ حالانڪ جادوگر ته ڪڏهن به ڪامياب نٿا ٿين.

قَالُوْۤا اَجِئْتَنَا لِتَلْفِتَنَا عَمَّا وَجَدْنَا عَلَیْهِ اٰبَآءَنَا وَ تَكُوْنَ لَكُمَا الْكِبْرِیَآءُ فِی الْاَرْضِ ؕ وَ مَا نَحْنُ لَكُمَا بِمُؤْمِنِیْنَ ۞٧٨

(٧٨) هنن (جواب ۾) چيو ته، ڇا توهان اسان ڏي هن لاءِ آيا آهيو ته جنهن راه تي اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي هلندي ڏٺو تنهن کان اسان کي هٽائي ڇڏيو ۽ هن ملڪ ۾ اوهان ٻنهي ڀائرن کي سرداري (۽ بادشاهي) ملي وڃي؟ اسان ته توهان کي مڃڻ وارا ڪونه آهيون.

وَ قَالَ فِرْعَوْنُ ائْتُوْنِیْ بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِیْمٍ ۞٧٩

(٧٩) ۽ فرعون چيو ته، منهنجي بادشاهي ۾ جيترا به هوشيار جادوگر آهن تن سڀني کي مون وٽ حاضر ڪريو.

فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰۤی اَلْقُوْا مَاۤ اَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ۞٨٠

(٨٠) جڏهن جادوگر اچي گڏ ٿيا (۽ مقابلي جو ميدان تيار ٿيو) تڏهن حضرت موسيٰ چيو ته، توهان (جادوگرن) کي جيڪي ميدان ۾ آڻڻو آهي سو آڻيو (يعني جادوءَ جا ڪرشما ڏيکاريو).

فَلَمَّاۤ اَلْقَوْا قَالَ مُوْسٰی مَا جِئْتُمْ بِهِ ۙ السِّحْرُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَیُبْطِلُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا یُصْلِحُ عَمَلَ الْمُفْسِدِیْنَ ۞٨١

(٨١) پوءِ جڏهن هنن (پنهنجي جادوءَ جون رسيون ۽ لٺيون ميدان ۾) اڇلايون تڏهن حضرت موسيٰ فرمايو ته توهان جيڪي ڏيکاريو آهي سو جادو آهي ۽ بيشڪ الله تعاليٰ ان کي برباد ڪري ڇڏيندو. بيشڪ الله جو اهو قانون آهي ته هو بگاڙو ڪندڙن جا عمل نٿو سنواري (نه ڪامياب ڪري).

وَ یُحِقُّ اللّٰهُ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَ لَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ۞٨٢ ع

(٨٢) ۽ هو (الله) پنهنجي حڪمن مطابق حق کي ضرور ثابت ڪري ڏيکاريندو اگرچه گنهگارن کي ائين ٿيڻ پسند نه اچي.

رکوع 9

**فرعون جو لاش، نه مڃيندڙن جي لاءِ نشاني آهي. پر افسوس اڪثر انسان نشانين کان غافل آهن.**

فَمَاۤ اٰمَنَ لِمُوْسٰۤی اِلَّا ذُرِّیَّةٌ مِّنْ قَوْمِهٖ عَلٰی خَوْفٍ مِّنْ فِرْعَوْنَ وَ مَلَاۡئِهِمْ اَنْ یَّفْتِنَهُمْ ؕ وَ اِنَّ فِرْعَوْنَ لَعَالٍ فِی الْاَرْضِ ۚ وَ اِنَّهٗ لَمِنَ الْمُسْرِفِیْنَ ۞٨٣

(٨٣) پوءِ تڏهن حضرت موسيٰ تي ڪنهن به ايمان نه آندو، سواءِ سندس قوم جي نوجوانن جي هڪ ٽوليءَ جي. اهي نوجوان به فرعون ۽ سردارن کان ڊنا پئي ته متان (ايمان آڻڻ جي ڪري) ڪين ڪنهن مصيبت ۾ وجهي ۽ انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته فرعون (مصر جي) ملڪ ۾ وڏو سرڪش (بادشاه) هو ۽ انهيءَ ۾ به شڪ ڪونهي ته هو (ظلم ۽ جبر ۾) چوٽ هو.

وَ قَالَ مُوْسٰی یٰقَوْمِ اِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ فَعَلَیْهِ تَوَكَّلُوْۤا اِنْ كُنْتُمْ مُّسْلِمِیْنَ ۞٨٤

(٨٤) ۽ حضرت موسيٰ (پنهنجي قوم کي) چيو ته، اي منهنجي قوم! جيڪڏهن توهان سچ پچ الله تي ايمان آندو آهي ۽ سندس فرمانبرداري ڪرڻ چاهيو ٿا ته توهان کي گهرجي ته فقط الله تي ڀروسو رکو (۽ فرعون جي طاقت کان نه ڊڄو).

فَقَالُوْا عَلَی اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا ۚ رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ ۞٨٥ ۙ

(٨٥) هنن چيو ته ان الله تي ڀروسو ڪيو آهي. (اسان دعا ٿا گهرون ته) اي پروردگار اسان کي هن ظالم ٽولي جي لاءِ (اهڙي) آزمائش ۾ نه وجه) جو سندن ظلمن جي مقابلي ۾ ڪمزوري ڏيکاريون).

وَنَجِّنَا بِرَحْمَتِكَ مِنَ الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۸۶﴾

(٨٦) ۽ پنهنجيءَ رحمت سان اسان کي هن ڪافر قوم کان بچائجانءِ.

وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰى وَاَخِيْهِ اَنْ تَبَوَّاٰ لِقَوْمِكُمَا بِمِصْرَ بُيُوْتًا وَّاجْعَلُوْا بُيُوْتَكُمْ قِبْلَةً وَّاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ؕ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۸۷﴾

(٨٧) ۽ اسان حضرت موسىٰ ۽ سندن ڀاءُ (هارون) تي وحي نازل ڪيو تہ پنهنجي قوم جي لاءِ مصر ۾ گهر ٺاهيو ۽ گهرن جو رخ پنهنجي قبلي ڏي ڪيو ۽ (انهن گهرن ۾) نماز قائم ڪيو ۽ جن ايمان آندو آهي تن کي (ڪاميابيءَ جي) خوشخبري پهچايو.

وَقَالَ مُوْسٰى رَبَّنَآ اِنَّكَ اٰتَيْتَ فِرْعَوْنَ وَمَلَاَهٗ زِيْنَةً وَّاَمْوَالًا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ رَبَّنَا لِيُضِلُّوْا عَنْ سَبِيْلِكَ ۚ رَبَّنَا اطْمِسْ عَلٰٓى اَمْوَالِهِمْ وَاشْدُدْ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْا حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿۸۸﴾

(٨٨) ۽ حضرت موسىٰ دعا گهري تہ اي خدا! تو فرعون ۽ سندس سردارن کي هن دنيا جي زندگيءَ ۾ زيب ۽ زينت جو سامان ۽ مال ۽ دولت جون شوڪتون ڏنيون آهن. پوءِ اهو (سڀ ڪجهه) هن لاءِ آهي ڇا تہ هو ماڻهن کي تنهنجي راه کان روڪي گمراه ڪن؟ اي خدا! سندن دولت ناس ڪري ڇڏ ۽ سندن دلين تي مهر لڳائي ڇڏ. انهيءَ لاءِ تہ هو ايمان نہ آڻين تانجو دردناڪ عذاب پنهنجي سامهون ڏسن.

قَالَ قَدْ اُجِيْبَتْ دَّعْوَتُكُمَا فَاسْتَقِيْمَا وَلَا تَتَّبِعٰٓنِّ سَبِيْلَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۸۹﴾

(٨٩) الله تعاليٰ فرمايو تہ اوهان ٻنهي جي دعا قبول ڪئي وئي. سو هاڻي اوهان (پنهنجي راهہ ۾) مستقيم ۽ محڪم ٿي وڪ وڌايو، ۽ انهن ماڻهن جي تابعداري نہ ڪريو جيڪي (منهنجي ڏسيل واٽ کي) نٿا ڄاڻن (۽ سمجهن).

وَجٰوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْبَحْرَ فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ وَجُنُوْدُهٗ بَغْيًا وَّعَدْوًا ؕ حَتّٰىٓ اِذَآ اَدْرَكَهُ الْغَرَقُ ۙ قَالَ اٰمَنْتُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِيْٓ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْٓا اِسْرَآءِيْلَ وَاَنَا مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿۹۰﴾

(٩٠) ۽ پوءِ اسان بني اسرائيل کي سمنڊ جي پار اڪاريو. هي ڏسي فرعون ۽ سندس لشڪر سندن پٺيان پيو، انهيءَ لاءِ (بني اسرائيلن سان) ظلم ۽ شرارت ڪن، پر جڏهن حالت هيءَ ٿي جو فرعون سمنڊ ۾ ٻڏڻ لڳو، تڏهن (عاجز ٿي) پڪاريائين تہ مان هاڻي يقين ٿو ڪريان تہ انهيءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي جنهن تي بني اسرائيلن ايمان آندو آهي ۽ مان بہ انهيءَ ئي جي فرمانبردارن ۾ آهيان.

آٰلْـٰٔنَ وَقَدْ عَصَيْتَ قَبْلُ وَكُنْتَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۹۱﴾

(٩١) (الله تعاليٰ فرمايو تہ) ها! هاڻي تو ايمان آندو! (هاڻي ڇا ٿيندو) اڳي تون هميشہ نافرماني ڪندو هئين ۽ تون بگاڙو ڪندڙ انسانن ۾ هڪ (وڏو) بگاڙو ڪندڙ هئين.

فَالْيَوْمَ نُنَجِّيْكَ بِبَدَنِكَ لِتَكُوْنَ لِمَنْ خَلْفَكَ اٰيَةً ؕ وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ عَنْ اٰيٰتِنَا لَغٰفِلُوْنَ ﴿۹۲﴾ ع

(٩٢) پوءِ اڄ اسان تنهنجي جسم کي (سمنڊ جي لهرن مان) بچائي ٻاهر ڪينداسين انهيءَ لاءِ تہ انهن ماڻهن جي واسطي جيڪي توکان پوءِ اچڻا آهن (حق جي قدرت جي) هڪ نشاني ٿئي. (پر افسوس) اڪثر انسان اهڙا آهن جيڪي اسان جي نشانين کان بلڪل غافل آهن.

رڪوع 10

**الله تعاليٰ جبر سان ماڻهن کي هدايت جي واٽ تي نٿو لڳائي.**

وَلَقَدْ بَوَّاْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ مُبَوَّاَ صِدْقٍ وَّرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ۚ فَمَا اخْتَلَفُوْا حَتّٰى

(٩٣) ۽ بيشڪ اسان بني اسرائيل کي (پنهنجي واعدي مطابق فلسطين ۾) رهڻ لاءِ چڱا مڪان ڏنا هئا ۽ پاڪ شين مان سندن روزيءَ جو سامان مهيا

جَآءَهُمُ الْعِلْمُ ۚ اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ
يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿٩٣﴾

ڪري ڏنو هو. پوءِ جڏهن بہ هنن (دين جي باري ۾) اختلاف ڪيا تڏهن هنن ڏي علم جي روشني موڪلي ويئي (يعني هڪ ٻئي پٺيان هنن ڏي پيغمبر موڪليا ويا۔ تنهن هوندي بہ اختلاف ڪندا رهيا)سو قيامت جي ڏينهن تنهنجو پروردگار هنن جي وچ ۾ انهن ڳالهين جو فيصلو ڪندو جن ۾ هڪ ٻئي سان اختلاف ڪندا رهيا آهن. (يعني ڪين معلوم ٿيندو تہ حقيقت ڇا هئي).

فَاِنْ كُنْتَ فِيْ شَكٍّ مِّمَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ فَسْـَٔلِ
الَّذِيْنَ يَقْرَءُوْنَ الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ لَقَدْ
جَآءَكَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ
الْمُمْتَرِيْنَ ﴿٩٤﴾

(٩٤) ۽ جيڪڏهن توهان کي هن ڳالهہ ۾ ڪنهن بہ طرح جو شڪ هجي جيڪا اسان اوهان تي نازل ڪئي آهي تہ انهن ماڻهن کان پڇي ڏسو جيڪي اوهان جي زماني کان اڳ جا (خدائي) ڪتاب پڙهندا رهن ٿا (يعني اهل ڪتاب کان پڇي ڏسو) تہ يقيناً هي حق آهي جو اوهان جي پروردگار وٽان اوهان تي نازل ٿيو آهي. تنهن ڪري هرگز ائين نہ ڪجو جو شڪ آڻيندڙ ٿي پئو.

وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ
فَتَكُوْنَ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٩٥﴾

(٩٥) ۽ انهن ماڻهن جهڙا نہ ٿيو جن الله جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ نتيجو هيءُ نڪتو جو هو نامراد ٿي وڏي فقصان هيٺ اچي ويا.

اِنَّ الَّذِيْنَ حَقَّتْ عَلَيْهِمْ كَلِمَتُ رَبِّكَ لَا
يُؤْمِنُوْنَ ﴿٩٦﴾

(٩٦) (اي پيغمبر!) جن ماڻهن تي الله جو فرمان سچو ثابت ٿيو آهي (يعني سندس هي قانون تہ جيڪو اکيون ڪٽي پوريندو تنهن کي ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو) سي ڪڏهن بہ ايمان نہ آڻيندا.

وَلَوْ جَآءَتْهُمْ كُلُّ اٰيَةٍ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ
الْاَلِيْمَ ﴿٩٧﴾

(٩٧) جيڪڏهن (دنيا جون) سڀ نشانيون بہ هنن جي اڳيان اچي وڃن (تہ بہ هو نہ مڃيندا) تان جو دردناڪ عذاب پنهنجي اکين سان ڏسن.

فَلَوْلَا كَانَتْ قَرْيَةٌ اٰمَنَتْ فَنَفَعَهَآ
اِيْمَانُهَآ اِلَّا قَوْمَ يُوْنُسَ ۚ لَمَّآ اٰمَنُوْا كَشَفْنَا
عَنْهُمْ عَذَابَ الْخِزْيِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ
مَتَّعْنٰهُمْ اِلٰى حِيْنٍ ﴿٩٨﴾

(٩٨) پوءِ ڇو ائين ٿيو جو يونس جي قوم جي بستي (آبادي ۽ شهر) کان سواءِ ڪابہ اهڙي بستي ڪانہ هئي جا (عذاب اچڻ کان اڳي) ايمان آڻي ها ۽ ايمان جي برڪتن جو فائدو پرائي ها. سو اسان بہ هن (يونس جي ماڻهن) تان ذلت (خواري) جو اهو عذاب ٽاري ڇڏيو جو دنيا جي زندگيءَ ۾ مٿن اچڻو هو ۽ هڪ خاص مدي تائين اسان کين آسودي زندگيءَ جي مهلت ڏني.

وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَاٰمَنَ مَنْ فِي الْاَرْضِ كُلُّهُمْ
جَمِيْعًا ۚ اَفَاَنْتَ تُكْرِهُ النَّاسَ حَتّٰى يَكُوْنُوْا
مُؤْمِنِيْنَ ﴿٩٩﴾

(٩٩) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تنهنجو پروردگار چاهي ها تہ جيڪي بہ ماڻهو روءِ زمين تي آهن سي سڀ ايمان آڻين ها (۽ دنيا ۾ اعتقاد ۽ عمل جو اختلاف ڪونہ هجي ها۔ پر تون ڏسين ٿو تہ الله تعاليٰ ائين ڪونہ چاهيو. سندس مشيت يا قانون ئي ائين ٿيو تہ طرح طرح جون طبيعتون ۽ لياقتون ظهور ۾ اچن. پوءِ جيڪڏهن ماڻهو اسلام تي نہ اچن تہ) ڇا تون انهن تي زور آڻيندين تہ جستائين ايمان نہ آڻيندؤ تيستائين مان اوهان کي ڇڏڻ وارو ناهيان؟

وَمَا كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تُؤْمِنَ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَيَجْعَلُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ۝١٠٠

(١٠٠) ۽ (يا رکو تہ) ڪنهن بہ انسان جي اختيار ۾ ناهي جو الله جي حڪم کان سواءِ (ڪنهن بہ ڳالهہ تي) ايمان آڻي. (يعني الله جي قانون کان جيڪو ٻاهر هوندو سو ڪڏهن بہ حق تي نہ ايندو ۽ سندس قانون هي آهي تہ) الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي (محرومي ۽ بدبختي جي) گندگيءَ ۾ ڇڏي ٿو ڏئي جيڪي عقل کان ڪم نٿا وٺن.

قُلِ انْظُرُوْا مَاذَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَمَا تُغْنِي الْاٰيٰتُ وَالنُّذُرُ عَنْ قَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ۝١٠١

(١٠١) (اي پيغمبر!) تون انهن ماڻهن کي چئو تہ جيڪي بہ آسمان ۾ (اوهان جي مٿان) آهي ۽ جيڪي بہ زمين ۾ (اوهان جي چئني طرفن کان) آهي تنهن تي نظر ڪيو (۽ ڏسو تہ هو پنهنجي حالتن سان ڪهڙي حقيقت جي شاهدي ڏيئي رهيا آهن) پر جيڪي ماڻهو يقين نٿا رکن تن جي لاءِ نڪي (قدرت جون) نشانيون ڪارگر ٿين ٿيون، نڪي (رسولن جون) تنبيهون ۽ خبردار ڪرڻ واريون هدايتون.

فَهَلْ يَنْتَظِرُوْنَ اِلَّا مِثْلَ اَيَّامِ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِهِمْ ۭ قُلْ فَانْتَظِرُوْٓا اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ۝١٠٢

(١٠٢) پوءِ جيڪڏهن اهي ماڻهو منتظر آهن تہ سندن انتظار (يعني ڪنهن ڳالهہ لاءِ ترسي پوڻ) هن ڳالهہ کان سواءِ ٻي ڪهڙي ڳالهہ لاءِ ٿي سگهي ٿي تہ جهڙي (عذاب جا) ڏينهن اڳين ماڻهن تي اچي چڪا هئا تهڙائي مٿن بہ اچي ڪڙڪن. سو تون چئي ڏي تہ چڱو، انتظار ڪندا رهو. مان بہ توهان سان گڏ انتظار ڪرڻ وارن مان آهيان (تہ خدا ڪهڙو نہ مناسب فيصلو ٿو ڪري).

ثُمَّ نُنَجِّيْ رُسُلَنَا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كَذٰلِكَ ۚ حَقًّا عَلَيْنَا نُنْجِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝١٠٣

(١٠٣) پوءِ (جڏهن عذاب جي گهڙي اچي ٿي وڃي تڏهن اسان جو قانون آهي تہ) پنهنجي رسول کي ۽ مؤمنن کي ان عذاب کان بچائي ٿا وٺون. اهڙيءَ طرح اسان پاڻ تي ضروري ٺهرايو آهي تہ مؤمنن کي بچائيندا رهون.

## رکوع 11

### ڪافرن کي چئو تہ مان دين جي باري ۾ فقط خدا جي حڪمن تي هلندس نہ اوهان جي خواهش تي

قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ دِيْنِيْ فَلَآ اَعْبُدُ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ اَعْبُدُ اللّٰهَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰىكُمْ ښ وَاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝١٠٤

(١٠٤) (اي پيغمبر!) تون چئو تہ، اي انسانو! جيڪڏهن توهان کي منهنجي دين جي باري ۾ ڪنهن بہ طرح جو شڪ هجي تہ مان توهان کي ٻڌائي ٿو ڇڏيان تہ منهنجو طريقو ڪهڙو آهي. توهان الله کان سواءِ جن هستين جي بندگي ٿا ڪريو تن جي بندگي مان ڪونہ ٿو ڪريان. (نڪي ڪندس) مان تہ الله جي بندگي ٿو ڪريان (جنهن جي قبضي ۾ اوهان جي زندگي آهي ۽) جڏهن جي حڪم سان اوهان تي موت اچي ٿو ۽ مون کي ان ئي وٽان حڪم آيل آهي تہ مؤمنن جي جماعت ۾ رهان.

وَاَنْ اَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا ۚ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۝١٠٥

(١٠٥) ۽ پڻ مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ، هر طرف کان هٽي پنهنجو رخ الله جي دين ڏانهن ڪر، ۽ هيئن هرگز نہ ڪجانءِ جو مشرڪن منجهان ٿي پوين.

وَلَا تَدْعُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُكَ وَلَا يَضُرُّكَ ۚ فَاِنْ فَعَلْتَ فَاِنَّكَ اِذًا مِّنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۰۶﴾

(١٠٦) ۽ (مونکي حڪم ڏنو ويو آهي ته) الله کان سواءِ ڪنهن کي به نه پڪار، ڪائنس سواءِ جيڪو به آهي سو نڪي فائدو پهچائي سگهي ٿو، نڪي نقصان! جيڪڏهن تون ائين ڪندين (يعني ڪنهن غير کي پڪاريندين) ته پوءِ يقيناً تون ظالمن ۾ شمار ڪيو ويندين.

وَاِنْ يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهٗٓ اِلَّا هُوَ ۚ وَاِنْ يُّرِدْكَ بِخَيْرٍ فَلَا رَآدَّ لِفَضْلِهٖ ۭ يُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ۭ وَهُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۰۷﴾

(١٠٧) ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ جي حڪم سان توکي ڪا تڪليف پهچي ته پڪ ڄاڻ ته ان کي لاهڻ وارو ٻيو ڪوبه ڪونهي سواءِ سندس ذات جي. جيڪڏهن هو توکي ڪنهن به طرح جي چڱائي بخشڻ چاهي ته پڪ ڄاڻ ته ڪوبه ٻيو ڪونهي جو سندس فضل کي روڪي سگهي. هو پنهنجي ٻانهن مان جنهن وٽيس تنهن تي فضل ڪري ڇڏي. هو بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ۚ وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ ﴿۱۰۸﴾ۭ

(١٠٨) (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي چئو ته، اي نسانو! توهان جي پروردگار وٽان سچائي توهان وٽ اچي ويئي آهي. پوءِ جيڪو هدايت جي واٽ وٺندو سو پنهنجي ئي چڱائي لاءِ وٺندو ۽ جيڪو گمراهه ٿيندو تنهن جي گمراهي سندس ئي آڏو ايندي. مان (پيغمبر) اوهان تي نگهبان ڪونه آهيان (جو زبردستيءَ اوهان کي مڃايان ۽ راه وٺايان).

وَاتَّبِعْ مَا يُوْحٰٓى اِلَيْكَ وَاصْبِرْ حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿۱۰۹﴾ۧ

(١٠٩) اي پيغمبر!) جيڪو وحي توتي موڪليو وڃي ٿو تنهن تي عمل ڪندو رهه ۽ پنهنجي راه تي ڄميو رهه، تان جو الله تعالي! فيصلو ڪري ۽ هو فيصلو ڪندڙن ۾ سيني کان بهتر فيصلو ڪندڙ آهي.

## سورة هود ـ مکي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

### قرآن مجيد جون آيتون دليل ۾ بلڪل چٽيون بيان ڪيل آهن

الٓرٰ ۫ كِتٰبٌ اُحْكِمَتْ اٰيٰتُهٗ ثُمَّ فُصِّلَتْ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ خَبِيْرٍ ﴿۱﴾ۙ

(١) الف- لام- را. هي ڪتاب آهي جنهن جون آيتون (پنهنجي مطلبن ۽ دليلن ۾) مضبوط ڪيون ويون آهن. وري ڪولي ڪولي چٽيون ڪيون ويون آهن. هي (ڪتاب) ان جي طرف کان آهي جو وڏي حڪمت وارو ۽ سيني ڳالهين جي خبر رکندڙ آهي.

اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ۭ اِنَّنِيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ ﴿۲﴾ۙ

(٢) (ان قرآن جو اعلان ڇا آهي؟) اهو ته الله کان سواءِ ڪنهن جي به ٻانهپ نه ڪيو. يقين رکو ته مان (رسول) سندس طرفان اوهان ڏانهن خبردار ڪرڻ وارو ۽ خوشخبري پهچائڻ وارو آهيان.

وَّاَنِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ

(٣) ۽ هي (اعلان آهي) ته، پنهنجي پروردگار کان معافي گهرو ۽ ڏانهس

يُمَتِّعۡكُمۡ مَّتَاعًا حَسَنًا اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى
وَّيُؤۡتِ كُلَّ ذِىۡ فَضۡلٍ فَضۡلَهٗ ؕ وَاِنۡ تَوَلَّوۡا
فَاِنِّىۡۤ اَخَافُ عَلَيۡكُمۡ عَذَابَ يَوۡمٍ كَبِيۡرٍ ۝٣

موٽو. (ائين ڪندؤ تہ) هو توهان کي هڪ مقرر وقت تائين زندگيءَ جي فائدن سان بلڪل چڱيءَ طرح نوازيندو ۽ (پنهنجي قانون مطابق) هرهڪ زياده (عمل) ڪرڻ واري کي سندس وڌيڪ ڪوشش جو اجر بہ ڏيندو. پر جيڪڏهن (خدا پرستي ۽ نيڪ عمليءَ کان) منهن موڙيندؤ تہ مونکي ڊپ آهي تہ توهان تي عذاب جو وڏو ڏينهن نہ اچي وڃي.

اِلَى اللّٰهِ مَرۡجِعُكُمۡ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ۝٤

(٤) اوهان سڀني کي (آخر) الله ڏي ئي موٽڻو آهي ۽ سندس قدرت کان ڪابہ ڳالهہ ٻاهر ناهي.

اَلَاۤ اِنَّهُمۡ يَثۡنُوۡنَ صُدُوۡرَهُمۡ لِيَسۡتَخۡفُوۡا
مِنۡهُ ؕ اَلَا حِيۡنَ يَسۡتَغۡشُوۡنَ ثِيَابَهُمۡ ۙ
يَعۡلَمُ مَا يُسِرُّوۡنَ وَمَا يُعۡلِنُوۡنَ ۚ اِنَّهٗ عَلِيۡمٌۢ
بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ ۝٥

(٥) (اي پيغمبر!) تون ٻڌي ڇڏ تہ، هي ماڻهو پنهنجي سينن کي ڍڪي ويڙهي ٿا ڇڏين، انهيءَ لاءِ تہ الله کان لڪن (يعني پنهنجي دلين جون ڳالهيون لڪائين ٿا) پر ياد رکن تہ (انسان جي ڪابہ ڳالهہ خدا کان لڪل ناهي) اهي ماڻهو جڏهن پنهنجا سڀ ڪپڙا پنهنجي مٿان وجهي ڇڏن (تڏهن بہ لڪي نٿا سگهن). جيڪي هو لڪي لڪي ڪن ۽ جيڪي ظاهرظهور ڪن ٿا سو سڀ الله کي معلوم آهي. هو تہ سينن (يعني دلين) جا ڳجهہ بہ ڄاڻندڙ آهي.